لوڪ ڪٿائون

سنڌي - ديسي - پرديسي

نندلعل عيدنداس پرسراماڻي



لوڪ ڪٿائون

سنڌي - ديسي - پرديسي

نندلعل عيدنداس پرسراماڻي
سلومبر (اُديپور-راج.)

لوڪ ڪٿا جو مُول آڌار

آدِي آدم پنهنجون اِڇائون ۽ خواهشون اِشارن سان ٻئي جي اَڳيان رکندو هو. تنهن کان پوءِ ڳالهائڻ سِکيو ته ڳالهائڻ سان زبانِي طور پنهنجا ويچار ٻڌائڻ لڳو.

ٻنهِي حالتن ۾ هوُ جهنگلن ۾ رهندي شڪار تي پنهنجو پيٽ پريندو هو. جهنگلِي جانورن جو شڪار ڪندي پنهنجا آزمودا ته ٻڌائيندو هو، پر ڪجهه ڪلپنائون ڪندي تصور، انهن جا رنگ روپ ذهن ۾ به وهارائيندو هو ۽ پنهنجن ساٿين کي ڪٿائن، ڪوتائن، پرولين، پهاڪن جي ذريعي زبانِي چوندو هو. اهڙِيءَ طرح هن جي ذهنِي قوت وڌندِي رهِي ۽ ڪلپنائن جي شڪتِيءَ سان نيون نيون ڳالهيون ٺاهيندو رهيو ۽ اهڙِيءَ طرح لوڪ اَدب جو روپ وسيع ٿيندو ويو ۽ تَن ڏڪڻ لاءِ جانورن جون کلون ڪتب آڻڻ لڳو.

هوُ سيپتا جي ٻئي روپ ۾ جانورن کي هڪ جڳهه کان ٻِي جڳهه گاهه ۽ چاري جي تلاش ۾ لنبيون ياترائون ڪندي ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون وغيره چوندي ۽ ٻڌندي لوڪ اَدب ۾ واڌارو ڪندو ويو. گهرن ۾ زالون، واندي وقت پورهيت ۽ ڏينهن ۾ بيڪار منش، چوُپال تي رات ۾ ڪسان، وقت ڪاٽڻ لاءِ ڪهاڻيون چوندا هئا. ڪوتائن، پرولين، پهاڪن کان وڌيڪ ڪهاڻيون وڌيڪ وڻندڙ لڳنديون هيون.

اهڙِيءَ طرح ڳوٺن ۾ (اُن وقت تائين گهمڪر آدم پنهنجا اَڏا اَڏي، هڪ جڳهه رهندي، کيتِي ڪرڻ لڳا هئا) کيتن ۽ چوُپال ۾ چيل ڪهاڻيون لوڪ ڪٿائن جو روپ وٺِي چڪيون هيون ۽ ڳوٺن کان ٻاهر نگرِي آس پاس ۾ هرهڪ طبقي، جات، سماج ۽ ڌرم ۾ زبانِي طور ريتِي رواج ۾ شامل

LOK KATHAUN

(Sindhi - Desi - Pardesi)

By :

Nandlal Idandas Parasramani

First Edition : 2012 A.D.

Price : Rs. 100/-

Published by :

Gopal Aur Kamlesh Chitrashala

SALUMBER-313027 (Udaipur - Raj.)

Printed at :

Amar Bharat Offset Press

Sindhi Gali, Hathi Bhata,

AJMER-305001 (Raj.)

हिन किताब जे छपाइण में राजस्थान सिन्धी अकादमी, जयपुर पारां माली इमदाद मिलियल आहे।

هن ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ راجستان سنڌي اڪادمي، جئپور پاران مالي امداد مليل آهي.

هو ﻫ اَنومان ﻣﭽﻴﻮ تـو وچي ته جنتا ۾ ويرن، تياڳيِ،
ئراڳين جي مثالن (جي سچ پچ ٿيِ گذريا آهن) کي لوڪ
ڪٿائن ۾ جوڙي، ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

لوڪ اَدب جي وَهڪ هڪ هنڌ ڪونہ ٿي رهي. اُها تہ
سيما پار وچي ٻين ملڪن ۾ پنهنجو اَثر ڏيکاري ٿي ۽ اُتي
لوڪ جيوَن تي پنهنجي مُهر ٿي لڳائي. ان جو مثال جاتڪ،
پنچ تنتر، هيتوپديش وغيره جون ڀارتييہ لوڪ ڪٿائون،
قديم زماني کان ئي ديش کان ٻاهر ويندڙيون رهيون آهن.
وديشي ليکڪ ايسپ، ايڊرسن، گرم وغيره جي ڪهاڻين ۾
گهڻيون ڪٿائون ڀارتييہ ڪهاڻين جو نقل آهن. شينهن، هاٿي،
مور وغيره ڀارت جا جانور آهن، جيڪي انهن ليکڪن جي
ڪهاڻين ۾ لکيل آهن.

شينهن جي ڪل ڀاتل گڏهہ جي مشهور لوڪ ڪٿا، افلاطون
يونان جي فيلسوف جي ڪتاب ۾ ملي ٿي. اَلف ليليٰ نالي
عرب ديش جو وڏو گرنٿ اَٽڪل 950 عيسوي سن ۾ خليفي
هارن رشيد جي راڄ ۾ لکيو ويو آهي. اُن ۾ جيڪي ڪهاڻيون
آهن، اُنهن جو مول يوناني، ايراني ۽ ڀارتييہ لوڪ ڪٿائون
آهن. ڏهين صديءَ ۾ عرب ديش جي ليکڪ ماسود جي چوڻ
اَنوسار سندباد سيلاني نالي ڪتاب ڀارت کان آيل آهي.

گجرات جي تمام مشهور لوڪ ڪٿا، هڪ راجا کي ست
ڌيئر هيون. راجا سڀني کان پڇيو تہ توهان ڪنهنجو ٿيون
کائو؟ ڇهن چيو تہ 'توهان جو' پر ننڍي ۾ ننڍي راجڪماريءَ
چيو تہ ''مان پنهنجي نصيب جو ٿي کاوان.'' راجا ڪاوڙيو ۽
هُن کي محل کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائين. پنهنجي عقلمنديءَ
۽ هوشياريءَ سان هن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هوءَ سچي آهي.
آخر ۾ ڏکن سهڻ کان پوءِ هوءَ هڪ راجڪمار کي ملي ٿي ۽

تي ڇڪيون هيون. هندو، اِسلام، جين، ٻوڌ، عيسائي ۽ ٻين مذهبن ۾ اِهي ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ جڙنديون ويون. پنهنجو مول مقصد قائم رکندي، وقت ۽ زمين اَنوسار اُنهن ۾ گهٽ وڌاءُ ٿيندو ويو. اخلاق ۽ تهذيب کي قائم رکندي، ڪٿائن کي قبوليت ملندي ويئي. شاسترن، ڌارمڪ ۽ فيلسوفيءَ جي سوچ ۾ بہ انهن جو گهڻو مول آهي.

سنسڪرت ڀاشا ۾ لوڪ ڪٿا کي 'سيني جي پياري' مڃيو ويو آهي. اِهي اَلڳ اَلڳ موقعن تي ٻڌايون وينديون آهن. ڏاڏي، ناني، پنهنجن ننڍڙن ٻارن کي اخلاقي ڪهاڻيون ڪٿائون مزيدار نموني ٻڌائي، اُنهن کي مستقبل جي لاءِ تيار ڪنديون آهن. ننڊ لاءِ لولي ۽ ڪهاڻي؛ روئي ڪائي تہ ڪٿا مددگار ثابت ٿيندي آهي. ڏڻ وار تي ڪٿائون، انهن لوڪ ڪٿائن جو ميل ئي آهي. جنهن جي مول ۾ ٻڌندڙ کي آخر ۾ سک ۽ سهنج جيوَن جي آس ڏسڻ ۾ ايندي آهي. 'ستنارائڻ جي ڪٿا' اِن جو وسيع مثال آهي.

سچي گهٽنائن جي آڌار تي ٺهيل ڪٿائون ڦهريائين گونن ۾ جڙنديون، پوءِ مشهور ٿينديون ٿينديون لوڪ اَدب ۾ شامل ٿي وينديون آهن. ٻوڌ جاتڪن جون ڪٿائون، لوڪ ڪٿائن جي سطح کان مٿي اَدب ۾ شامل ٿي ويون ۽ ڏيري ڏيري پراڻن ۾ اچي ويون. اِن ڪري تہ ڪيتريون ڪٿائون پراڻن ۾ جاتڪ ڪٿائن ۾ هڪ جهڙيون لڳنديون آهن.

چيو وڃي ٿو تہ والميڪي رامائڻ ۾ ٻارهن هزار شلوڪ هئا پر لَوَ ۽ ڪُش ٻڌندڙن جي چاهہ اَنوسار اُن ۾ واڌارو ڪيو هو. اهڙيءَ طرح ويد وياس جي مهاڀارت کي بہ مول روپ کان لڳ-ڀڳ چئوڻو وڌايو ويو آهي. ان ۾ اخلاقي، فرض اَدائي وغيرهہ سنن گڏن سان پريل لوڪ ڪٿائون جوڙيون ويون آهن.

ڪتاب بابت

لوڪ ڪٿا لامحدود ۽ لاحد آهي. ڪنهن هڪ زمين تي جنم ته وٺي ٿي پر سڄي دنيا تي پکڙجي وڃي ٿي. پر هوءَ مري نٿي. هوءَ اَڪال به آهي. تي سگهي ٿو ته ڪجهه وقت ڪنيڪرڻ جي ننڊ اچي وڃيس. پر جاڳندي ئي نئين نويلي نار تي پوي.

شينهن ۽ ڪوئو، اُجارو ڪانءُ، چار چور، ڪبوتر ۽ مَک وغيره ڪٿائون اَمر آهن. دنيا جي ڪيترن ديشن جي اَکيچار ٻولين ۾ لکيون ۽ چيون ويون آهن. لوڪ.ڪٿا آزاد پکيءَ وانگر آسمان جي اَٿاهه پولار ۾ اُڏامندي رهي ٿي. جتي تاڻو ڏسي، لهي اچي ۽ صدين تائين پنهنجي اُڪت سان انسان کي اِخلاقي سبق ڏيندي رهي.

ٿي سگهي ٿو ڪجهه ڪٿائون جاتڪ يا پنچتنتر مان ڪنيل هجن. پر هرهڪ ڪٿا کي اُتي جي زمين جو پنهنجو اَلڳ اُهڃاڻ ۽ هڳاءُ ٿئي.

مون کي اهڙو ڪوبه سنڌي ڪتاب ڪونه سُجهي، جنهن ۾ ڀرپور اَنداز ۾ لوڪ ڪٿائون هجن. سنڌي ٻوليءَ ۾ پدم شري پروفيسر رام پنجواڻيءَ جون ست سورميون (مارئي، سسُئي، سُهڻي، مومل، ليلا، سورٺ ۽ نوُري) لوڪ ڪٿائن ۾ گهٽي تعداد ۾ ڳڻيون ويون آهن. جن جو بنياد تواريخ ۽ پريم آهي. اُنهن جا پورا نالا عمر مارئي، سسُئي پنهوُن، سُهڻي ميهار، مومل راڻو، ليلا چنيسر، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ نوُري ڄام تماچي آهن. مان هنن جو دهراءُ ڪونه ٿو ڪيان. سيني جو اَڳ ۽ اَنت هڪ جهڙو پر وچ وارو حصو هرهڪ اَديب ڪجهه رد بدل ڪري لکيو آهي. مثال طور نوُري ڄام تماچي جي محل ۾

هن سان شاديِ ڪري خوش ٿي رهي. شيڪسپيئر پنهنجي ناٽڪ ’ڪنگ ليئر‘ ۾ ڪجهه اهڙو ئي مثال ڏنو آهي.

سيني مذهبن جي لوڪ ڪٿائن ۾ ايشور، قسمت، فرض، ڪرم وغيره جي گهٽيِ اهميت ڏيکاريِ ويئي آهي. هڪ طرف ڀاڳ پنهنجو ڪم تو ڪري، پر فرض اَدائيِ ڪندي اخلاقي قوت سان ڪٿائن جو اَنت ’سُکي جيوَن‘ ڏيکاريو ويو آهي.

ديوي، ديوتا، ڀوت، راڪاس، جانوَر، پکي، پرندا وغيره لوڪ ڪٿائن ۾ آهن. پر اَنت ۾ سچ جي جيت ٿي ٿئي.

لوڪ ڪٿائن جو مول مقصد ٻڌندڙن جو منورنجن ڪرڻ ته آهي پر هنن جي گيان ۾ هوُ واڌارو به ٿيون ڪن. اهڙيون ئي ڪجهه لوڪ ڪٿائون هن ڪتاب ۾ ڏنل آهن، جيڪي پڙهندڙن جي من ۾ گيان جو واڌارو ته ڪنديون پر گڏوگڏ هنن کي آنند به ڏينديون. اهڙو منهنجو خيال آهي.

فهرست

روز بند ڪمري کي کولي، ڪجھ وقت ايڪانت ۾ وچي وهنديِ هئيِ ۽ هڪ صندوق کي کولي، پنهنجا اَباڻا ڪپڙا ڏسنديِ هئيِ ته جيئن هن کي پنهنجيِ اوقات ياد رهي ۽ راڻيِ ٿيڻ جو گمان ڪونه ٿئيس. ڪنهن اَديب لکيو ته روز نوُريءَ جو پاءُ هڪ چبڙيءَ ۾ پڪل مڇيِ ۽ جوئر جو ڍوڍو کارائڻ لاءِ هن وٽ ايندو هو. نوُريِ کائيندي پنهنجيِ اوقات کي ياد رکنديِ هئيِ.

اهڙيءَ طرح هڪ اَديب لکيو ته پنهونءَ کي رڻ پَٽ ۾ سسئيِ مُئل مليِ ۽ پاڻ پنهونءَ پراڻ تياڳيا. پر ٻئي لکيو ته پنهونءَ کي سسئيِ مليِ ئيِ ڪانه. سسئيءَ جي پوتيءَ جيِ هڪ ڪنڊ زمين کان ٻاهر ڏسڻ ۾ آيس. پرسان بيٺل ريڍار ٻڌايس ته سسئيِ پنهنجو ست بچائڻ لاءِ ڌرتيءَ ۾ سمائيِ ويئيِ ۽ پنهونءَ جي ٻاڏائڻ تي پرماتما اُن جڳھ کي واپس کوليو ۽ پنهون پاڻ اُن ۾ سسئيءَ سان ملڻ لاءِ سمائجيِ ويو.

مون اُهي لوڪ ڪٿائون لکيون آهن، جيڪي مون وڏن، بزرگن، ڏاڏيِ، ڏاڏيءَ، نانيِ، نانيءَ، اَمڙ، بابل کان ٻڌيون آهن. ڳوٺن جي وڏي ٿلهي تي ويهيِ، وڏڙا اسان ٻارڙن کي ٻڌائيِ روح رهاڻ ڪرائيندا هئا.

۽ اُنهن مان ڪجھ ڪٿائون اَنگريزيِ، هنديِ، راجستانيِ، ڪتابن، اَخبارن، مئگزنن ۾ پڙهيل آهن ۽ گھٽيون اَڄ بہ ذهن ۾ ويٺل آهن.

ڪتاب ۾ سنڌيِ، ديش جي اَلڳ پرانتن ۽ سنسار جي اَلڳ ديشن جون لڳ ڀڳ 57 ڪٿائون آهن.

صحت سات ڏنو ته گھٽ ۾ گھٽ 500 لوڪ ڪٿائون سنڌيِ اَدب ۾ شامل ڪرڻ جيِ پوريِ ڪوشش ڪندس. باقيِ جيئن مالڪ جيِ مرضيِ.

1. سڀ کان وڌيڪ پياري شيءِ

آڳاٽي زماني ۾ هڪ شهر مٿان ڪنهن سلطان ڪاهه ڪئي. لڙائي لڳي. شهر جي ڪوٽ جا دروازا بند ڪيا ويا. شهر جو راجا پنهنجي پرجا کي ڇڏي لِڪ ڇِپ ۾ قلعي کان ٻاهر نڪري ڀڄي ويو.

بنا راجا جي پرجا دکي ٿي پر تہ بہ دروازا ڪونہ کوليائون ۽ جنگ ڪرڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳا.

اِن وچ ۾ سلطان کي ڄاڻ پيئي تہ راجا ڀڄي ويو آهي پرجا اَڪيلي آهي. ان وٽ نہ پورو کائڻ جو سيڌو سامان آهي ۽ نہ وڙهڻ ۽ جنگ ڪرڻ لاءِ هٿيار ئي. هن کي پڪ ٿي تہ جلدئي قلعو فتح ٿي ويندو پر سلطان ڀاڻ ايمان وارو هو. هن عورتن ۽ ٻارن کي قتل ڪونہ ڪرڻ پئي چاهيو ۽ نہ هنن کي ڪو ايذاءُ پهچائڻ پئي چاهيو. اِن ڪري هن اعلان ڪرايو تہ زالون پنهنجي ٻارن سان گڏ ۽ هڪ سڀ کان وڌيڪ پياري شيءِ کڻي سهي سلامت قلعي کان ٻاهر هليون وڃن. باقي قلعي اَندر مردن سان جنگ ڪئي ويندي.

اِهو اَعلان ٻڌي زالون پنهنجن مڙسن کي پٺيءَ تي چاڙهي ٻارن کي هٿن سان پڪڙي قلعي جي ٻاهر وڃڻ لڳيون. سلطان اِهو ڏسي تعجب ۾ اچي ويو ۽ سخت آواز ۾ پڇيو تہ توهان کي ٻارن سان هڪ پياري شيءِ کڻي وڃڻ لاءِ چيو ويو هو پوءِ توهان پنهنجي مڙسن کي ڇو تيون کڻي وڃو؟

2. پنهنجو پنهنجو نصيب

آڳاٽي زماني جي ڳالھ آهي. هڪ راجا کي ست ڌيئر
يون. راجا دياوان ۽ پرجا پالڪ هو. هوُ پرجا جي هر طرح
ان پالنا ڪندو هو. هن جي راڄ ۾ هرهڪ رهواسي خوش ۽
سودو هو. هوُ پنهنجي ڌيئن جي هرهڪ تمنا پوري ڪندو
و. هوُ به پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ جي عزت ڪنديون هيون ۽ هنن
ي لاءِ محب هئن.

هڪ دفعي راڄ ۾ هڪ سنت آيو. راجا هن کي وڏي شان
انَ سان محل اَندر وٺي آيو ۽ هنجي آدر ستڪار ۾ ڪا به گهٽتائي
ڪين ڪئي. رات جو دربار کي سينگاري وڏي ٿلهي تي آسن
ي وهاري، ڪٿا جو بندوبست ڪيو. راڄ درٻاري، راجا راڻي
نهنجي ڌيئرن سان ۽ شهر جا سڀ ماڻهو ڪٿا ٻڌڻ آيا.

سنت ڪٿا ڪندي سکيائون به ڏنيون پئي. اُنهن مان
ڪ هئي ته ايشوَر سڀ کي پالي ٿو. هرهڪ پنهنجي نصيب
جو ٿو کائي، وغيره.

سنت ٻئي ڏينهن ٻئي راڄ ۾ هليو ويو. پر راجا کي چنتا
 وجهي ويو. راجا کي اِهو وشواس هو ته هوُ ئي آهي، جيڪو
نجي پرجا کي ٿو پالي ۽ پنهنجي راڻي ۽ ڌيئرن کي به هوُ
و کارائي.

هڪ ڏينهن راجا محل ۾ پنهنجي ڌيئرن کي پاڻ وٽ
هرائي پڇيو، ”پٽ، توهان ڪنهنجو ڏنل ٿا کائو؟ توهان کي
ڪير ٿو کارائي؟“ سڀ کان ننڍي راجڪماريءَ کان سواءِ سيني
اجڪمارين پيءُ کي چيو، ”توهان جو ڏنل اسان کائون، پيئون
 پايون ٿا پر ننڍي راجڪماريءَ چيو، ”بابا! مان پنهنجي
صيب جو ڏنل ٿي کاوان ۽ ايشور ئي اسان سيني کي ٿو پالي.“

زالن جواب ڏنو، ''سلطان اعليٰ! پنهنجي ٻارن کان وڌيڪ اسان کي ڪابه شيءِ پياري ڪانه آهي!''

سلطان اِهو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ قلعي تان پنهنجو گهيرو ختم ڪري پنهنجي ملڪ هليو ويو. هن کي ڄاڻ ٿي ته قلعي جون زالون پنهنجن ٻارن جي حق ۾ سچيون آهن.

(اِستريءَ لاءِ سڀ کان وڌيڪ پيارو پنهنجو پتي آهي.)

بڌائي عرض ڪجانءِ تہ هنجي نيڪ ٽيڻ جو اُپاءُ ٻڌائي.
هو جو تنهنجو پتي اَصل هڪ راجڪمار آهي. ڪنهن راڪاس
جي سراپ ڪري هوُ بيمار ٿي پيو آهي. ان راڪاس کي اُهو
رشي ئي پنهنجي وَس ۾ ڪندو.''

بئي ڏينهن راجڪماري پنهنجن چيلن کي سپني ۾
ديويءَ جي درشن جي باري ۾ ٻڌايو. سيني راجڪماريءَ کي
تسلي ڏني تہ هوءَ ڀلي وڃي ۽ پوئتان هن جي پتيءَ جي
سيوا هوُ خود ڪندا.

اِهو صدق ڏسي راجڪماريءَ کي ڏاڍي خوشي ٿي. هوءَ
پتيءَ کي سڄو احوال ٻڌائي، هن کي چيلن جي سار سنڀال
۾ ڇڏي، رشيءَ وٽ ويئي. رشي هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو
۽ راجڪماريءَ کي چيو، ''ڌيءَ، مان تنهنجو اِنتظار پئي ڪيو.
ماتا مونکي بہ درشن ڏنو آهي. تون ويھ، مان راڪاس کي
هتي گهرايان ٿو.''

اِئين چئي رشيءَ منتر پڙهي، ڪرمنڊل مان پاڻي لپ
ڀري، آڪاس ۾ اُڇلايو. آڪاس ۾ گرجنا ٿي. گرجنا سان گڏ
خوفناڪ شڪل وارو راڪاس رشيءَ سامهون اچي هٿ جوڙي
بيهي رهيو.

''ديواسُر! هن راجڪماريءَ کي سُڃاڻين ٿو؟''

''ها! ديو رشي. هنجي پتيءَ گذريل جنم ۾ مون کي
رنجايو هو. هاڻي هن راجڪماريءَ جي شيوا ۽ سچي صدق
سان پتورتا ڌرم پالڻ ڪري هنجا سڀ ڏک دور ٿيندا ۽ هنجو
پتي وري سهڻو سلونو راجڪمار ٿي پوندو. هوءَ هن نديءَ جي
پاڻيءَ سان پنهنجي پتيءَ کي ڇنڊا وجهي وجهي.'' چئي
راڪاس آڪاس ۾ غائب ٿي ويو.

راجا کي ڏک سان گڏ ڪروڌ آيو ۽ ٻئي ڏينھن شھر جي ھڪ لوُلي لنگڙي بيمار سان ھنجي شادي ڪرائي ڇڏي.

راجڪماريِ اُن کي پنھنجو نصيب مڃي پريم ۽ شرڌا سان پنھنجي پتيءَ سان گڏ ٻئي شھر ھليِ ويئي. اُتي پنورتا ناريِ ڌرم پالڻ لڳي ۽ پتيءَ جيِ شيوا ڪرڻ لڳي.

ڪجھہ ڏينھن ڪان پوءِ ھن کي خبر پيئي تہ شھر ڪان ٻاھر ديويءَ جي مندر جو ٻڍو بيمار شيواڌاري گذاري ويو آھي. ھوءَ ديوي ماتا جي شيوا ڪرڻ لاءِ مندر ۾ رھڻ لڳي. شھر جا ۽ آسپاس جي ڳوٺن جا ماڻھو مندر ۾ اچڻ لڳا ۽ ديوي ماتا جيِ سٺي طرح پوڄا ڏسي راجڪماريءَ جي ٻاري ۾ سٺا ۽ پويتر ويچار رکڻ لڳا. راجڪماري ڌارمڪ ويچارن جيِ تہ ھئي ۽ ويتر جڏھن ماڻھن کي سٺيون ۽ سکيا واريون ڳالھيون ٻڌائيندي ھئي تہ ھوُ شخص صدق رکڻ لڳا. ڪيترا ھنجا چيلھ بہ ٿي پيا. سندس پتيءَ جي دوا دارونءَ ۽ ديک ڀال ڪرڻ ۾ راجڪماريءَ جي مدد ڪرڻ لڳا.

وقت گذرڻ لڳو. راجڪماريءَ ان کي ست رکي سويڪار ڪيو ۽ من سان ديوي ماتا جي شيوا ڪندي رھي. ھميشھ سڀ جي ڀلي لاءِ پرارٿنا ڪندي پنھنجي پتيءَ جيِ سٺي صحت لاءِ ٻاڌائيندي ھئي.

ھڪ رات راجڪماريءَ کي سپني ۾ ديوي ماتا درشن ڏنو. ماتا راجڪماريءَ کي چيو، ”ڌيءَ! تنھنجي شيوا سڦلي ٿي آھي. تنھنجا سڀ ڪشٽ جلد ناس ٿيندا. بس، تون ھڪ ڪم ڪر، تون اَڪيلي ھن مندر جي ڀرسان جھنگل ۾ وڃ، اُتي وَھندڙ نديءَ جي ڪناري ھڪ رشي تپسيا ڪندو توکي ملندو. ھن کي منھنجي طرفان پنھنجي پتيءَ جي صحت جي باري

3. سوارٿ جو بوجھ

هڪ شهر ۾ موهن نالي هتو ڪتو شخص هڪ سيٺ وٽ وڪري ڪندو هو. هوُ گدام مان اَناج جون ٻوٽيون کڻِي وڪان تي ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪم کي بوجھ سمجهِي ڪم-چوري ڪندو هو. هڪ ڏينهن گدام مان هڪ ٻوڻ کڻِي وڪان لاءِ روانو ٿيو. رستي ۾ هن کي آرام ڪرڻ جِي مرضِي ٿِي ۽ ٻوڻ لاهي هڪ وڻ هيٺان ويهِي رهيو. اُتان اُن وقت هڪ بزرگ پنهنجي ڪلهي تي پوٽي کي کڻِي فرحت سان وڃِي رهيو هو. موهن هن کي ڏسِي چوڻ لڳو، ”اَري پير مرد! ڇو ايترو گهڻو بوجھ کڻِي خوش ٿيندو وڃِي رهيو آهين؟ بزرگ منهن ورائي ڏٺو تہ موهن جي پرسان اَناج جِي ٻوڻ پيئِي آهي ۽ هوُ پاڻ ڇنگهون سِڌيون ڪري ويٺو آهي. هوُ سمجهِي ويو تہ موهن ڇاٽو چوڻ چاهي؟ هن موهن کي آرام سان چيو، ”تنهنجي بوجھ ۽ منهنجي بوجھ ۾ گهڻو فرق آهي. تون سوارٿ جي بوجھ ڪري پريشان آهين ۽ مون کي موھ جو بوجھ آهي. توکي پنهنجو بوجھ کڻندي اِهو سوچي جهنجهلاٽ ٿِي ٿئي تہ تون اهو ڪم پنهنجي سيٺ لاءِ ٿو ڪرين. سچ تہ اِهو آهي تہ اهو بوجھ کڻِي پنهنجي ڪٽنب جي پالنا ٿو ڪرين. جيڪڏهن تون اِهو سوچي تہ ڪم ڪري، پئسا ڪمائي، پنهنجن ٻارن ٻچن ۽ سڄي ڪٽنب جِي سٺيءَ طرح سنڀال، ٿو ڪرين تہ پوءِ اِهو بوجھ بہ توکي پريم ۽ سنيھ جو بوجھ لڳندو.“

اِهو ٻڌِي موهن جي اَندر بوُجھ جاڳِي ۽ جهٽ اُٿِي ٻوڻ ڪنڌي تي رکِي. هاڻي هن کي ٻوڻ گهٽِي هلڪِي لڳِي.

(پنهنجي پياري جو بوجھ محسوس ڪونہ ٿيندو آهي.)

رشيءَ راجڪماريءَ کي خاليِ ڪرمنڊل ڏنو. هوءَ نديءَ مان ڪرمنڊل ڀري آئيِ ۽ رشيءَ کي نمسڪار ڪري ديويءَ جي مندر ۾ آئيِ. جيئن ئيِ هن پاٽيءَ جا ڇنڊا پٿيءَ مٿان وڌا، تيئن ئيِ هوُ سندر سلونو نوجوان راجڪمار ٿيِ پيو. ماڻهن هنن کي سڃاتو ۽ وچيِ پنهنجي راجا کي ٻڌايو. راجا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي راجڪمار ۽ پنهنجي نونهن راجڪماريءَ کي ٺاٺ باٺ سان پنهنجي راڄ ۾ وٺيِ ويو ۽ هنکي راجا ٺاهي پاڻ تپسيا ڪرڻ جهنگل ۾ هليِ ويو.

هوڏانهن جڏهن کان راجڪماريِ پنهنجي لوُلي لنگڙي پٿيءَ سان گڏ شهر ڇڏي هليِ ويئيِ، تڏهن کان راڄ ۾ مصيبت اچڻ لڳيِ. ڀرسان واري راجا حملو ڪيو ۽ راجا، راڻيِ ۽ ڇهن راجڪمارين کي جيل ۾ وڌو ۽ اُتي راڄ ۾ ظلم ڪرڻ لڳو.

ننڍيِ راجڪماريءَ پنهنجي ماتا پِتا ۽ ڀينرن جي باري ۾ ٻڌو تہ ڏاڍو ڏک ٿيس. پنهنجي پٿيءَ کي وڏي لشڪر سان گڏ موڪلي حملو ڪرايائين ۽ ظالم راجا کي راڄ مان هڪالي ڇڏارايائين. پنهنجيِ ماءُ پيءُ ۽ ڀينرن کي آزاد ڪرايائين.

راجڪماريءَ جي پيءُ قبول ڪيو تہ هرهڪ پنهنجي نصيب جو ٿو کائي ۽ سڀ جو پالڻ هار پرماتما ئيِ آهي. هن پنهنجي ڀينرن جيِ شاديِ ڌوم ڌام سان لائق راجڪمارن سان ڪرائيِ. سڀ خوش ٿيِ جيوَت گذارڻ لڳا.

(هرهڪ پنهنجي ڀاڳ جو ٿو کائي. ٻيو ڪوبہ ڪنهن ٻئي کي نٿو کارائي.)

راجا کيت جي مالڪ کان پڇيو تہ ڳالهہ سچي نڪتي.
اجا بنهي پارڪين تي ڏاڍو خوش ٿيو. هنن کي اِنعام اِڪرام
يئي، دربار ۾ وڏا عهدا ڏنا.

(دنيا ۾ اَج بہ سمجهدار ۽ عقلمند اِنسان
رهن ٿا.)

4. ٻہ پارکوُ

هڪ راجا وٽ روپچند ۽ روپسين نالي ٻہ شخص نوڪريءَ لاءِ آيا. لياقت پڇڻ تي روپچند راجا کي ٻڌايو تہ هوُ گهوڙن جو پارکوُ آهي ۽ روپسين چيو تہ هوُ پوڄن ناهڻ ۾ ماهر آهي. ٻنهي کي نوڪري ڏني ويئي. هڪ ڏينهن راجا روپچند کي ٻڌايو تہ هن وٽ سٺي نسل جا هم عمر گهوڙا آهن. پر ڪي تيز هلندا آهن تہ ڪن جي رفتار گهٽ آهي. روپچند گهوڙن کي ڏسي ٻڌايو تہ مهاراج! ڪن گهوڙن مينهن جو کير پيتو آهي تہ ڪن ڳانءِ جو. هنن سيني کي خوب گهمائي تلاءَ تي پاڻي پيئڻ ڏيو. جيڪي گهوڙا پاڻي پي يڪدم ڪِري پون تہ سمجهو تہ هنن مينهن جو کير پيتو آهي. جيڪي گهوڙا پاڻي پي يڪدم ٻاهر نڪري اچن تہ سمجهو هنن ڳانءِ جو کير پيتو آهي.

راجا سئِسن کان گهٽ رفتار وارن گهوڙن جي باري ۾ پڇيو تہ معلوم ٿيس تہ هنن مينهن جو کير پيتو آهي.

راجا پوءِ روپسين کي ٻڌايو تہ هن ٻالڪپڻ کان ئي شالگرام جا ڄانور ڪاڏا آهن تہ اجا تائين صحتمند هو ۽ ڪابہ بيماري ڪانہ هئس پر ڪجهہ ڏينهن کان اُهي ئي ڄانور ڪائيندي هن کي ڪيتريون بيماريون ٿيون آهن. اِن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ روپسين چيس، ”توهان کي پوڄن ڪندي ڏسي مان ٻڌائي سگهان ٿو.“ ٻئي ڏينهن جڏهن راجا پوڄن ڪائي رهيو هو، تڏهن روپسين ڄانور سنگهي ٻڌايو، ”مهاراج، جنهن کيت ۾ هي ڄانور پيدا ٿيا آهن، اُن ۾ هڪ اُٺ مري ويو هو، اِن ڪري ڄانور بيماريءَ سان پريل آهن.“

6. فقط ڳالھين مان ڪجھ نہ وَرندو

هڪ عورت پنھنجي پاڙيسريءَ جي گھر داعوت کائڻ ويئي. پوڄڻ جي آخر ۾ هنکي پاپڙ ڏنو ويو. پاپڙ هن کي سوادي لڳو ۽ گھر جي مالڪڻ کان پڇيائين، ”ڀيڻ! پاپڙ ڪيئن ٺاهبا آهن؟“ مالڪڻ هن کي پاپڙ ٺاهڻ جو طريقو ٻڌايو. اِهو ٻڌي عورت چيو تہ ”اِها تہ مون کي ڄاڻ آهي پر اَڳتي ڇا ٿيندو، اِهو ٻڌاءِ.“ مالڪڻ سمجھي ويئي. هن عورت کي چيو تہ ”پوءِ تون پاپڙ هڪ مٽڪي ۾ رکي مٿان پاڻي وجھي مٽڪي کي ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏ. ٽن ڏينھن کان پوءِ تون پاپڙ ڪم ۾ آڻ.“

وري عورت چيس، ”اِهو تہ مان ڄاڻان ٿي.“

مالڪڻ چيس تہ ”پوءِ پڇين ئي ڇو ٿي؟ جڏهن تون سڀ ڄاڻين ٿي.“

عورت چيس، ”گھڻن ڏينھن کان پاپڙ ٺاهيا ڪونہ اٿم، اِن ڪري سوچيم، توکان وري پڇان تہ مان ڀلجي تہ ڪونہ ويئي آهيان.“

گھر وڃي عورت پاپڙ ٺاهي مٽڪي ۾ پاڻيءَ سان گڏ وجھي، مٽڪي جو منھن بند ڪري رکي ڇڏيا. ٽن ڏينھن کان پوءِ جڏهن مٽڪو کولي ڏٺائين تہ پاپڙ خراب هئا. عورت پنھنجي پاڙيسڻ وٽ آئي ۽ سڄي حقيقت ٻڌائي. مالڪڻ چيس، ”جڏهن توکي پاپڙ ٺاهڻ جو طريقو ايندو آهي تہ پوءِ پاپڙ خراب ڇو ٿيا؟“

5. نقل ۾ به عقل کپي

هڪ ڳوٺ ۾ وڏو ڀاءُ، ننڍي ڀاءُ سان گڏ پنهنجي ساهري گهر، پنهنجي پتنيءَ کي وٺڻ ويو. ساهري گهر ۾ وڏي ڀاءُ کائڻ لاءِ فقط ڏهي گهري. ٻنهي ڀائرن کي کائڻ لاءِ ڏهي ڏني ويئي. رات جو سمهڻ لاءِ هنن گهر اَندر نه پر کُلئي پڌر ۾ کٽن تي چادر پائي سمهڻ لاءِ چيو. سڄو بندوبست ڪيو ويو. صبح جو اُٿي، ٻئي بالٽي ۽ لوٽو کڻي، ڳوٺ جي کوھ تي اِشنان ڪرڻ ويا. اِشنان کان پوءِ هلڪو ناشتوڪارائي، وڏي ڀاءُ جي پتنيءَ کي پنهنجي ساهري گهر موڪليو ويو.

ننڍي ڀاءُ اها سڄي ڳالھ ياد ڪئي.

ڪجھ سالن کان پوءِ ننڍي ڀاءُ جي به شادي ٿي. پنهنجي زال کي وٺڻ لاءِ هوُ ساهري گهر ويو. هن به کائڻ لاءِ فقط ڏهي گُهري. ساهرن وارن چيس ته هن لاءِ ٻيا گهڻيئي طعام ٺاهيا ويا آهن، پر هن فقط ڏهي کاڌي ۽ رات جو هوُ ٻاهر پڌر ۾ کٽ وڇائي، چادر پائي سمهيو. صبح جو اُٿندي ئي لوٽو بالٽي کڻي کوھ تي ٿڌي پاڻيءَ سان هن اِشنان ڪيو ۽ جلدئي بيمار ٿي پيو.

اِها خبر جڏهن وڏي ڀاءُ کي ٻڌائي ويئي ته هوُ ننڍي ڀاءُ جي ساهرن ۾ اچي ڀاءُ کي سمجهائڻ لڳو، ”تو منهنجي ڳالهين کي ياد ته رکيو، پر اِهو نه سوچيو ته اُن وقت اونهارو هو ۽ گرميءَ جا ڏينهن هئا ۽ هاڻي سيارو آهي ۽ سرديءَ جا ڏينهن آهن. نقل ته ڪيئه، پر عقل کان ڪم ڪونه ورتئه.“

(جڳھ ۽ وقت اَنوسار ڪنهن ٻئي جو نقل ڪندي پهرين سوچجي.)

7. دغا ڪنهنجي ڪانہ لڳي

هڪ راجا وٽ هڪ برهمڻ روز ڪٿا ٻڌائڻ ايندو هو. راجا ادو خوش ٿيندو هو ۽ ڪٿا ٻڌي راجا هن کي هڪ سونو سڪو ڏيندو هو. راجا جي هڪ سيوڪ کي اهو سٺو ڪونہ لڳو. هوُ ڏو چلي ۽ ٺڳ هو. هڪ ڏينهن هن برهمڻ کي چيو تہ راجا جئي پيو تہ ڪٿا ڪندڙ برهمڻ جي منهن مان گندي بانس ايندي آهي، تنهن ڪري تون سياڻي منهن ۽ نڪ تي ڪپڙو ٻڌي ويندو ڪر. بدمعاش سيوڪ اُن ڏينهن ئي راجا کي عرض ڪيو تہ برهمڻ چوي پيو تہ راجا جي منهن مان گندي بانس ايندي آهي. برهمڻ ڀالو ڀولو هو. ٻئي ڏينهن هوُ نڪ ۽ منهن تي ڪپڙو ويڙهي راجا کي ڪٿا ٻڌائڻ لڳو. راجا کي وشواس ٿي ويو تہ سيوڪ سچ ٿو چوي. راجا کي ڪروڌ اچي ويو.

اُن ڏينهن راجا برهمڻ کي ٻہ سوني جا سڪا ڏنا ۽ هڪ خط بہ ڏيئي چيس تہ اهو خط ڪوتوال کي ڏي.

برهمڻ خوش ٿيو تہ هن کي ٻہ سوني جا سڪا مليا آهن. هوُ شهر ڪوتوال کي خط ڏيڻ وڃي پيو تہ رستي تي سيوڪ مليس. سيوڪ حال پڇيس تہ برهمڻ خوش ٿيندي ٻڌايس تہ اَڄ راجا هن کي ٻہ سوني جا سڪا ڏنا آهن. سيوڪ کي حيراني ٿي تہ بہ من کي روڪي برهمڻ کي چيو تہ منهنجي صلاح سان تو منهن ۽ نڪ تي ڪپڙو ٻڌي ڪٿا ٻڌائي، تنهن ڪري راجا خوش ٿيو ۽ توکي هڪ جي بدران ٻہ سوني جا سڪا ڏنا آهن. هڪ سڪي جو حقدار مان بہ آهيان. برهمڻ هڪ سڪو سيوڪ کي ڏنو. اُن ڏينهن برهمڻ کي گهر جلد وڃڻو هو، اِن ڪري راجا جو ڏنل خط بدمعاش سيوڪ کي ڏيئي چيائينس تہ تون خط ڪوتوال کي ڏيندو وڃ.

عورت پڇتائيندي چيس، ”پيڻ! جيڪو پنهنجي اَڌوري ڄاڻ تي ٻئاڪون هٽندو آهي ۽ فقط ڳالهيون ڪندو آهي، اُن جو نتيجو آخر ۾ خراب نڪرندو آهي.

ڳالهين سان گڏ آزموندو بہ ضروري آهي.“

(پنهنجي گهٽتائيِ ٻڌائڻ ۾ لڄ نہ ڪرڻ گهرجي.)

8. سپنو

هڪ وَڻ تي هڪ اُلوءَ جو گهر هو ۽ وڻ هيٺان روز هڪ هاٿي اچي رات گذاريندو هو. ڏيري ڏيري ٻنهي ۾ گهري دوستي ٿي ويئي. هڪ شام هاٿي ٻوڇڻ جي تلاش ۾ گهڻو پري نڪري ويو. اُتي هڪ راڪاس جي مجلس ۾ اَندر هليو ويو. هاٿيءَ کي ڏسي راڪاس جو راجا واڪا ڪرڻ لڳو، ”هي اُهوئي آهي، هي اُهوئي آهي.“

راجا جا شيوَڪ پڇڻ لڳا، ”مهاراج! هيءُ ڪير آهي؟“ راجا ٻڌايو، ”مون ڪالهه هڪ سپنو ڏٺو هو. اُن ۾ مون هڪ هاٿيءَ جو ٻوڇڻ کيو هو. هيءُ ٻه اُن هاٿيءَ جهڙو آهي، هن کي پڪڙيو. مان هن کي کائيندس تہ جيئن منهنجو سپنو سچ ٿئي.“ راجا جي حڪم تي سيني هاٿيءَ کي پڪڙيو. هاٿي ايترو ڊڄي ويو هو، جو هن پاڻ کي ڇڏائڻ جي بلڪل ڪوشش ڪانہ ڪئي. هاٿيءَ جا پير ٻڌا ويا. راجا پنهنجي زال سان گڏ هاٿيءَ سامهون آيو. هوڏانهن جڏهن هاٿي وڻ هيٺان ڪونہ آيو، تڏهن اُلوُ کيس ڳولهيندي ڳولهيندي اُتي آيو، جتي هاٿي ٻڌل هو. هاٿيءَ کان اُلوُ سڀ ڳالهيون ٻڌي، سڄي ماجرا سمجهي ويو ۽ هاٿيءَ جي مٿان ويهي واڪا ڪرڻ لڳو، ”هيءَ اُها آهي، هيءَ اُها آهي.“

راجا غصي ۾ اُلوءَ کان پڇيو، ”تون ڪنهن جي ڳالهہ تو ڪرين؟“ اُلوءَ جواب ڏنو، ”راڻيءَ جي. ڪالهہ مون سپنو ڏٺو تہ مون هن راڻيءَ سان شادي ڪئي هئي. مهرباني ڪري منهنجي شادي پنهنجي راڻيءَ سان ڪرايو تہ منهنجو سپنو سچو ٿئي.“ راڻي گهبرائجي ويئي. چيائين، ”مان اُلوءَ سان ڪيئن شادي ڪندس؟“

سيوڪ خط وٺي ڪوٽوال کي ڏنو. خط ۾ لکيل هو تہ خط ڏيندڙ جو نڪ ڪَٽي ڇڏي. ڪوٽوال هڪدم راجا جي آڳيا مڃي ۽ بدمعاش ۽ چلي ءَ سيوَڪ جو نڪ تلوار سان ڪَٽي ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن راجا برهمڻ کي سهي سلامت ڏسي حال پڇيو. برهمڻ کان سچي ڳالھ ٻڌي راجا چيو تہ گنهگار کي سزا ملي. سچ پچ دغا ۽ دوکو ڪنهن جا مائٽ ڪونہ آهن.

(دغاباز سدا سزا جي لائق آهي.)

9. ڪاوڙ مٿان قابو

هڪ ڳوٺ ۾ بالو نالي ڪسان رهندو هو. هنجي پٽ جو نالو گوپال هو. گوپال کي گهڻو غصو ايندو هو. ٿوري گهڻي ڳالهه مٿان هنکي ڪروڌ ايندو هو. پيءُ پٽ کي گهڻو ئي سمجهايو، پر هن ڪونه مڃيو.

هڪ ڏينهن بالوءَ گوپال کي ڪوڪن ڀريل هڪ ٿيلهي ڏني ۽ چيائينس، ”پٽ، جڏهن توکي غصو اچي، تڏهن هڪ ڪوڪو ٻاهر وڻ تي ٺوڪي اچجانءِ ۽ جنهن ڏينهن تون ڪروڌ مٿان قابوُ پائي غصو ڪونه ڪرين، تنهن ڏينهن مون کي اچي ٻڌائجانءِ.“

پهرئين ڏينهن گوپالَ ٽيهه ڪوڪا وڻ ۾ ٺوڪيا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪوڪن جو تعداد پندرهن ويهه وڃي ٿيو. هڪ ڏينهن اهڙو آيو، جڏهن گوپال هڪ به ڪوڪو وڻ ۾ ڪونه ٺوڪيو. وڃي هن پيءُ کي ٻڌايو، ”مون ڪروڌ مٿان ضابطو رکيو آهي. اَڄ مون هڪ به ڪوڪو ڪونه ٺوڪيو آهي.“

پيءُ چيس، ”هاڻي وڃي سڀ ڪوڪا وڻ مان ٻاهر ڪڍي اچ. گوپال آگيا جي پالنا ڪئي. هن سيئي ڪوڪا ٻاهر ڪڍيا.

پيءُ چيس، تو غصي مٿان ضابطو رکي تمام سٺو ڪم ڪيو آهي. ڏس هيءُ ڪوڪا، جيڪي تو وڻ ۾ ٺوڪيا هئا. اُنهن مٿان نشان اڃا به آهن، مٽيا ڪونه آهن. جڏهن تون ڪروڌ ۾ ٻين کي گهٽ وڌ ڳالهائيندين ته هنن جي دلين ۾ نشان ٿي پوندا، جيڪي ڪڏهن به ڪونه لهندا. ڀل ڪيتري ئي معافي گهرين، پر اُهي گهاوَ ڪونه ڀربا. اِن ڪري تون مَن، وچن ۽ وهنوار سان اهڙو ڪجهه ڪونه ڪر، جو بعد ۾ پڇتائڻو پوي.

(غصي ۾ هميشهه غلط ڪم ٿي ويندو آهي.)

راجا راڻيءَ کي چيو، ”توکي ڪير ٿو اُلوءَ سان شادي ڪرائي؟ هيءَ نہ اُلوءَ جو سپنو آهي. سپني کي گنڀيرتا سان نہ سوچ. ڏس، هيءُ اُهوئي هاٿي آهي، جنهن کي مون سپني ۾ ڪاڏو هو. هاٿي هن کي مان آزاد ٿو ڪريان.“ چئي راجا هاٿيءَ جا ٻڌل پير آزاد ڪيا. هاٿي آزاد ٿيندي ئي پنهنجي دوست اُلوءَ سان گڏ اُتان ڀڄي وڃي هينئان آيو ۽ دوست جا شڪرانا مڃڻ لڳو.

(سچو دوست اُهو آهي، جيڪو مصيبت ۾ ڪم اچي.)

هوُ راجا سان مليا. راجا هنن جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ چيائين ته "ڇا ڪجي؟"

ڪانير چيس، "مهاراج! اسان کي خبر پوڻ کپي ته اسان جا ڀاڳ جدا جدا ڇو آهن؟ اسان کي هتان ٻاهر هلڻو پوندو."

ٽيئي پنهنجا ويس بدلي، ٻئي راڄ ۾ اچي هڪ ڌرمشالا ۾ ٽڪيا. سمهڻ کان اَڳ پاڻ ۾ هڪ رٿا ناهي. صبح جو جلد اُٿي ڪانير کُهاڙو کڻي ٻاهر نڪري ويو ۽ ٻيلي مان ڪاٺيون ڪَپي، شهر ۾ وڪيائين. جيڪي مليس، اُن مان سيڌو سامان وٺي، ڌرمشالا ۾ آيو. ٽنهي سادو سوُدو ڀوڄن ڪيو.

ٻئي ڏينهن شاهوڪار شهر ۾ ويو. اُن وٽ ڪجهه سونيون مُهرون هيون. مُهرن سان ڇانورن جون ڪجهه ڳوٺيون خريد ڪري واپس وڪيون ۽ نفعي مان سيڌو سامان خريد ڪري ڌرمشالا ۾ آيو. اُن ڏينهن هنن ڪالهه کان بهتر ڀوڄن کاڌو.

ٽئين ڏينهن راجا ڪرميءَ جي ويس ۾ شهر کان ٻورو پري ٻئي راڄ ۾ ويو. جيئن ئي قلعي جي ڦاٽڪ اَندر گهڙيو ته شاهي ڪپڙن ۾ هڪ آدمي هن وٽ آيو ۽ سندس ڳلي ۾ گلن جو هار پاتو. ايتري ۾ سوين شاهي گهراڻي جا منش هڪ برهمڻ سان گڏ هن وٽ آيا. برهمڻ هن کي تلڪ لڳائي، منتر پڙهي 'راجا' ظاهر ڪيو. سيني اُن جي آجيان ڪئي.

راجا جو ڀاڳ راجا ٿيڻ جو هو. هوُ ٻئي راڄ جو راجا ٿي پيو. هن وڏي مجلس جو اِنتظام ڪرايو. ڪانير ۽ شاهوڪار کي به نينڊ ڏيئي گهرايو.

ٻنهي جڏهن راجا کي ٻئي شهر جي راڄ ۾ راڄ گديءَ تي ويٺل ڏٺو ته تپرس ۾ پئجي ويا. راجا هنن کي سربستو

1. هرهڪ جو پنهنجو ڀاڳ

هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ڪانير روز جهنگل مان ڪانيون ڪٽي آسپاس جي ڳوٺن ۾ وڪڻي گهر جو گذران ڪندو هو. هوُ ايترو ئي ڪمائيندو هو، جيترو ڪٽنب لاءِ ضرورت هوندي هئي. پنهنجي ڪمائيءَ ۾ هن کي سنتوش ڪونہ ملندو هو. هڪ ڏينهن پيءُ کي چيائين، ”بابا! مان زندگيءَ مان ڪڪ تي پيو آهيان. منهنجو ڀاڳ ڀڳوان ڪهڙو لکيو آهي؟“

”پٽ مونکي اِها تہ خبر ڪانہ آهي پر جنهن ڏينهن تون ڄائو آهين، اُن ڏينهن ڳوٺ جو شاهوڪار ۽ ديش جو راجا بہ ڄاوا آهن. توهان ٽنهي جا گرهہ بہ ساڳيا آهن پر توهان ٽنهي جا ڀاڳ جدا جدا آهن. تون ڪانير، شاهوڪار ڌن دولت وارو ۽ راجا ديش مٿان راڄ ٿو ڪري.“ پٽس ٻڌايس. ڪهاڙو ڪٽي غصي ۾ ڪانير اُن وقت ئي شاهوڪار جي دڪان تي اچي شاهوڪار کي چيو، ”مان، تون ۽ راجا هڪ ڏينهن ڄاوا آهيون. اسان ٽنهي جا گرهہ بہ ساڳيا آهن پر اسان جا ڀاڳ اَلڳ اَلڳ آهن. اُٿ! هل، هلي راجا کان اُن جو ڪارڻ ٿا پڇون.“

شاهوڪار ڏٺو تہ ڪانير غصي ۾ آهي. هوُ يڪدم تيار ٿيو ۽ ڪانير کي چيو تہ ”مان بہ خوش ڪونہ آهيان. هل، راجا وٽ ٿا هلون ۽ ڪارڻ ٿا پڇونس. مان راجا کي سڃاڻان. اِن ڪري هوُ اسان سان ملاقات ڪرڻ ۾ دير ڪونہ ڪندو.“

2. سياڻپ جو وکرو
(سٺي صلاح)

هڪ غريب نوجوان برهمڻ پڙهيل ۽ عقلمند ته گهڻو هو پر ڪمائي ڪونه ٿيندي هئس. معمولي جهوپڙيءَ جهڙي مڪان ۾ رهندو هو ۽ ڏاڍو ڏکيو وقت گذاريندو هو. ڪنهن نه ڪنهن ڪارڻ هن کي دائما نوڪريءَ تي ڪوبه ڪونه رکندو هو. هڪ ڏينهن سندس زال چيس، ”شهر ۾ دوڪاندار واڪا ڪري پنهنجو مال وڪڻندا آهن. تون به پنهنجو گيان ۽ سمجهه وڪڻ.“

هن پنهنجي مڪان کي ٿورو سَجايو ۽ در ٻاهران هڪ بورڊ ٽنگيو. اُن تي لکيائين-

”هتي سياڻپ وڪامندي آهي.“

۽ پاڻ ٽنل ڪرسيءَ تي ٻاهر ويٺو رهيو ۽ جيڪو راهگير اُتان لنگهندو هو ته هوُ واڪا ڪري چوندو هو، ”هتي سياڻپ وڪامندي آهي.“

اِهو هوڪو ٻڌي ۽ بورڊ پڙهي، هرڪو کِلي هليو ويندو هو ۽ هن کي پاڳل سمجهي سوچيندا هئا ته ڀلا سياڻپ به وڪامڻ جي شيءِ آهي.

شهر ۾ هڪ ڌنوان جو هڪ پٽ مورک هو. هڪ ڏينهن هن برهمڻ جي گهر پرسان لنگهندي هوڪو ٻُڌو ۽ برهمڻ وٽ اچي چيائينس، ”مونکي هڪ تولو سياڻپ کپي.“ برهمڻ چيس، ”سياڻپ ۽ عقل تور تي ڪونه ملندا آهن، اِهي گڻ اَنوسار وڪامندا آهن.“

بي عقل پٽ هڪ مُهر ڏيندي چيس، ”سٺي ۾ سٺو عقل ڏي.“

برهمڻ مُهر وٺي ڪاغذ تي لکي ڏنس، ”جهڳڙو ڪندڙ انسانن کي ڏسڻ سٺو ڪونهي.“ لکيل ڪاغذ کڻي، مورک پٽ

احوال ٻڌائي. ڪانير کي چيو، ”هاڻي توهان کي جواب ملي ويو تہ اسان سيني کي ڀاڳ پنهنجو پنهنجو ٿو ملي.“

ڪانير چيو، ”مهاراج، توهان صحيح آهيو. اها ايشور جي مرضي آهي. اسان کي قبول ڪرڻ کپي.“ راجا ڪانير کي هڪ سؤ سونيون مُهرون ڏنيون ۽ گڏ ڏهہ ايڪڙ زمين بہ ڏني.

ڪانير راجا جا شڪرانا مڃيندي چيو، ”مهاراج! توهان ئي منهنجا ڀڳوان آهيو، جنهن جي ڪرپا سان مان ڌنوان ٿيو آهيان.“

(هرهڪ جي قسمت اَلڳ اَلڳ آهي.)

سيٺ اِئين ئي ڪيو. راجا سچ پڇي ڏاڍو خوش ٿيو.
سيٺ راجا کي اهڙين صلاحن لاءِ برهمڻ جي باري ۾ به ٻڌايو.

راجا برهمڻ کي گهرائي پاڻ به صلاح خريد ڪرڻ جي
خواهش ڪئي.

برهمڻ راجا کي لکي ڏنو،

”ڪجهه به ڪرڻ کان اڳ سوچجي.“

راجا برهمڻ کي هڪ هزار مُهرون ڏنيون. راجا اُها سِٽ
ڪاٺ، پيئڻ ۽ سمهڻ جي جڳهين ۽ شين تي لکائي ڇڏي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ راجا بيمار ٿي پيو. وڏي راڻي ۽
وزير راجا جي هتيا ڪرڻ جو منصوبو ناهيو. وزير راڻيءَ کي
زهر آڻي ڏنو. راڻيءَ دوا ۾ زهر ملائي، پيالي ۾ کڻي راجا
وٽ آئي ۽ پيالو راجا کي ڏنو. اُن وقت وزير به موجود هو.

جيئن ئي راجا زهريلي دوا پيئڻ لڳو ته پيالي تي لکيل
سِٽ پڙهي، ”ڪجهه به ڪرڻ کان اڳ سوچجي.“ بروقت راجا
پيالو هيٺ رکيو ۽ راڻي ۽ وزير طرف ڏنو. راڻي ۽ وزير
هيسجي ويا. راجا سياڻو هو. هن پيالو وزير کي ڏيئي حڪم
ڏنو ته هوُ دوا پيئي. وزير پيالو هٿ ۾ کڻندي ئي ڌرتيءَ
تي ڪيرائي ڇڏيو. راجا سپاهين کي گهرائي، وزير کي موٽ
جي سزا ڏيارائي ۽ راڻيءَ جا وار ڪترائي ديش نيڪالي ڏني.

پوءِ راجا برهمڻ کي گهرائي ديش جو وڏو وزير ٿاڦيو.

(سٺي صلاح تي عمل ڪرڻ سان اِنسان
سکي رهندو.)

اچي پيءُ کي ٻڌايو تہ هوُ عقل خريد ڪري آيو آهي. سيٺ ڪاغذ پڙهي غصي ۾ چيو، ”مورک! اِها صلاح تہ ڪاغذ جي اَگهہ برابر بہ ڪانہ آهي. هل، هلي دوکيباز دوڪاندار کان مُهر موٽائي وٺي تا اچون.“ ٻئي برهمڻ وٽ آيا.

برهمڻ سيٺ کان لکارائي ورتو تہ هوُ يا هن جو پٽ ان صلاح تي ڪونہ هلندا. ۽ پوءِ مُهر سيٺ کي موٽائي ڏني.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ شهر جي راجا جون راڻيون ڪنهن ڳالهہ تي اچي پاڻ ۾ اَٽڪيون. هنن جون داسيون بہ جهڳڙو ڪنديون بازار ۾ آيون. هنن پنهنجي پنهنجي راڻيءَ جو پاسو پئي ورتو. اُتان سيٺ جو مورک پٽ بہ پئي لنگهيو ۽ داسين کي وڙهندو ڏٺو.

رات جو راڻين پنهنجي راجا کي جهڳڙي جي بابت ٻڌايو ۽ پنهنجي غلطي ڪانہ قبول ڪئي ۽ ٻنهي راڻين هڪ ٻئي جي غلطي ٻڌائيندي سيٺ جي مورک پٽ کان پڇڻ لاءِ چيو.

ٻئي ڏينهن راجا سيٺ جي پٽ کي شاهدي ڏيڻ لاءِ حڪم موڪليو.

حڪم ٻڌي سيٺ ڏڄي ويو. هوُ هڪدم برهمڻ وٽ صلاح وٺڻ آيو. برهمڻ هڪ سؤ مهرون گهريون. سيٺ گهربل مُهرون ڏنيون. برهمڻ سيٺ کي صلاح ڏني تہ سندس مورک پٽ، مورکن وانگر راجا جي سامهون هلت هلي. هوُ جواب ۾ فقط اِشارا ڪري.

ٻئي ڏينهن سيٺ جي مورک پٽ دربار ۾ وائڙن ۽ پاڳلن وانگر اِشارا ڪيا. راجا ڪروڌ ۾ هن کي دربار مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

سيٺ خوش ٿي واپس برهمڻ وٽ اچي پڇيو، ”هاڻي ڇا ڪجي؟“ برهمڻ بہ سؤ مهرون وٺي چيس، ”اها سچي حقيقت راجا کي ٻڌائي وڃي. هوُ گهڻو خوش ٿيندو.“

4. پنهنجِي پنهنجِي سوچ اَنوسار سنسار

هڪ سنت جا ٻہ چيلا هئا. ٻئِي گروءَ لاءِ آگياڪارِي ۽ سيواڌارِي هئا. گروءَ سان سنو سنٻنڌ هون. هڪ ڏينهن گروءَ هڪ چيلي کان پڇيو، ”ٻڌاءِ، سنسار ڪهڙو آهي؟“ شش جواب ڏنو، ”گرديوَ، سنسار ڏاڍو خراب آهي. ڏسو نہ هڪ ڏينهن ۾ ٻہ راتيون ٿيون ٿين. رات کان پوءِ ڏينهن ۽ ورِي رات. اَنڌڪار کان پوءِ سوجهرو تہ ورِي اَنڌيرو. سوجهري کان وڌيڪ اَنڌڪار آهي. هڪ سوجهرو ۽ ٻہ اَنڌڪار. بس، سنسار اَنڌڪار ئِي اَنڌڪار آهي. هيءُ جڳت عجيب ماياجار آهي.“

گروءَ ساڳيو سوال ٻئي چيلي کان بہ پڇيو. هن چيو، ”گرديوَ، جڳت ڏاڍو سنو آهي. چئني طرف اُجالو ئِي اُجالو آهي. رات گذرڻ کان پوءِ سنسار پرڪاش سان پرجِي ٿو وڃي. هر جڳہ اُجالو پکڙجِي ٿو وڃي. اُجالو ٿيندي ئِي اَنڌيرو غائب ٿِي ٿو وڃي. اِنسان جو اچڻ وڃڻ شروع ٿِي ٿو وڃي. سيني ۾ ڦڙتي ٿِي اچِي وڃي. انهن جي رڳن ۾ ڪم ڪرڻ جِي شڪتي ٿِي اچِي وڃي، هنن ۾ ڪم ڪرڻ جِي اُمنگ ٿِي پيدا ٿئي. پريات ويلو گهڻو سندر ۽ من موهڪ ٿِي ٿو پوي. هيِ جڳت گهڻو سنو آهي. ڏينهن ختم ٿيندي ئِي رات ٿِي اچي ۽ ورِي ڏينهن. اهڙِيءَ طرح هڪ رات ۾ ٻہ ڏينهن. هڪ اَنڌيرو تہ ٻہ اُجالا. اِن ڪري مان چوان ٿو تہ سنسار گهڻو سندر ۽ رنگبرنگِي آهي.“

گروءَ ٻنهِي جا جواب ٻڌا. ٻنهِي جي سوچ ۾ فرق هو. هڪ کي هڪ ڏينهن ٻہ راتيون سمجهہ ۾ آيون تہ ٻئي کي

3. گرهڻ جو ڦير (چڪر)

راجا ڪرم وير سنگهه جي درٻار ۾ شرد نالي جوتشي هو. هن کي جوتش جو پورو گيان ڪونه هو پر راجا هنجي صلاح ڪان سواءِ ڪوبہ ڪم ڪونہ ڪندو هو. هڪ ڏينهن راجا پڇيس تہ پاڙيسري راجا مٿان چڙهائي ڪرڻ جو شڀ ڏينهن ڪهڙو تو نڪري؟ جوتشيءَ ڳڻتي ڳوتي راجا کي ٻڌايو تہ ٻئي هفتي ۾ حملو ڪرڻ تي جيت ملندي. جوتشيءَ جي چوڻ اَنوسار راجا پاڙيسري راجا مٿان حملو ڪيو پر هارجي ويو ۽ جيئن تيئن پاڻ بچائي، پنهنجي راڄ ۾ موٽي آيو ۽ هڪدم جوتشيءَ کي پاڻ وٽ گهرايو. جوتشي سمجهي ويو تہ راجا ڇو تو سڏائي؟ هوُ جيئن ئي درٻار ۾ آيو، تيئن راجا غصي ۾ پڇيس، ”توهان ٻين جو آئيندهہ ٻڌائي سگهو ٿا پر ڇا پنهنجو پوشيہ ڄاڻو ٿا؟“

راجا جي سوال جو مطلب سمجهي جوتشيءَ جواب ڏنو، ”مهاراج! گرهڻ جو ڦيرو (چڪر) اهڙو تو ٿئي، جو منهنجي موٗت ڪان پوءِ ٻن ڪلاڪن ۾ توهانجو موٗت ٿيندو.“

جواب ٻڌي راجا ڏجي ويو. اِهو سوچي تہ جوتشيءَ کي موٗت جي سزا ڏيڻ ڪان پوءِ هوُ پاڻ بہ ٻن ڪلاڪن ۾ مري نہ وڃي. هن جوتشيءَ کي درٻار مان ڪڍي ڇڏيو ۽ جوتشيءَ اَڳڪتي ڪرڻ ڇڏي ڏني.

(اَڌوڳابرو گيان نقصان تو پهچائي.)

5. ديويءَ جي ڦتڪار

هڪ چور چوري ڪرڻ لاءِ هڪ مڪان ۾ ويو. گهر جا ياتي سمهيا پيا هئا. جيئن ئي هن دروازو کولڻ جي ڪوشش ڪئي ته گهر جا ياتي جاڳي پيا ۽ شور مچائڻ لڳا. اوسي پاسي وارا به جاڳيا. چور وٺي ڀڳو. هن کي پڪڙڻ لاءِ ماڻهو هن جي پوئتان ڊڪيا. چوڪيدار به هنجي پوئتان ڀڳو. چور ڊڪندي ڊڪندي ٿڪجي پيو. هن سوچيو، ڪنهن جڳهه لِڪڻ ئي سنو آهي. سامهون هڪ ديوِيءَ جو مندر هو. هوُ مندر ۾ هليو ويو. ديوِيءَ کي نمسڪار ڪيو ۽ هٿ جوڙي وينتي ڪئي، ”اَڄ مان تنهنجي شرڻ ۾ آيو آهيان، ماتا. منهنجي رکيا ڪر.“

هنجي ڪرُڻا ڀري پڪار تي ديوِيءَ خوش ٿِي چيس، ”پٽ! جڏهن توکي ڪوئي پڪڙڻ اچي ته تون زور سان گجگوڙ ڪج ته هوُ ڀڄي وڃان ڀڄي ويندا.“

”ديوِي ماتا! توهان جو چوڻ بلڪل نيڪ آهي پر ڇا ڪيان. ڊپ وچان منهنجو گلو بند ٿِي ويو آهي. مان گجگوڙ نه ڪري سگهندس.“ چور چيو.

”ڇڱو! ته تون هنن جي سامهون اَکيون کولي گهوُري ڏسجانءِ.“ ديوِي ماتا ٻڌايس، ”تنهنجي اَکين جي پرڪاش سامهون ڪوئي به بيهي ڪونه سگهندو.“

”پوَ ڪري منهنجون اَکيون پٿرائجي ويون آهن. مان هنن سامهون ڏسي به ڪونه سگهندس.“ چور چيو.

”او، تون ايترو ڊرپوڪ آهين. ڇڱو، مندر جا در بند ڪري ڇڏجانءِ ته توکي ڪوبه ڪونه پڪڙي سگهندو.“ ديوِيءَ چيس.

هڪ رات ہہ ڏينهن نظر آيا. هڪ اَنڌڪار کي وڏيڪ اَهميت ڏني ته ٻئي پرڪاش کي وڏيڪ اَهميت ڏني. اَنڌڪار کي اَهميت ڏيڻ وارو نراشاوادي هو ته پرڪاش کي اَهميت ڏيڻ واري کي سنسار سٺو لڳو. گروءَ چيو، ”پٽ! جڳت اُهو آهي، جنهن نظر سان توهان ڏسندا.“

(سدا سٺو سوچجي ۽ سمجهجي.)

6. شرابيءَ جو سچ

هڪ مشهور سيٺ روز شراب پيئندو هو. هوُ شراب جو ايترو ...ادي ٿي ويو هو، جو پنهنجي پٽنيءَ جي سمجهائڻ تي به ...نهنجي عادت ڇڏي ڪونه سگهيو. هڪ ڀيري پنهنجي گهر ۾ ...ڪ ڪاريگر کي هن سڏايو. گهر ۾ ڪو ڪم ڪرائڻو هوس. ڳالهه ...ول ڪان پوءِ ڪاريگر ٻئي ڏينهن ڪم ڪرڻ جو واعدو ڪيو پر ...سيٺ جو ڪم ضروري هو، اِن ڪري بار بار ڪم ڪرڻ لاءِ تاڪيد ...ڪرڻ لڳس. ڪاريگر پڪ ڏياريندي چيس، ”سيٺ صاحب، ...ان شرابي ڪونه آهيان. مون هڪ دفعو جو ڪجهه چيو، اُهو ...ڪ سمجهو، جيئن پٿر تي ليڪ. توهان بي- فڪر ٿيو.“

’شرابيءَ‘ لاءِ ڪاريگر جي ٽِپڻي ٻڌي سيٺ کي من ۾ ...چوٽ لڳي. هن پڇيس، ”ڇا شرابي ڪوڙ ڳالهائيندا آهن؟“ ...ڪاريگر ٻڌايس، ”شرابيءَ جا ويچار هڪ جهڙا ڪونه هوندا ...آهن. اِن ڪري هن کي پنهنجي لفظن جو ڪو ڌيان نه رهندو ...آهي.“ سيٺ ڪاريگر جو جواب ٻڌي ڏڪي ويو. ڇاڪاڻ ته ...بازار ۾ سيٺ جي ڳالهين ۾ سيٺي جو وشواس رهندو هو. سيٺ ...ن ۾ سوچيو ته ”جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن شراب پي بازار ۾ ...يندس ته منهنجي عزت مٽيءَ ۾ ملي ويندي.“

اِهو سوچي گهر ۾ جيڪي شراب جون ڀريل بوتلون هيس، ...هي سيٺيءَ هاري مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيون. اِهو ڏسي ڪاريگر ...ادو خوش ٿيو ۽ خوشي ظاهر ڪندي سيٺ کي چيائين، ...سيٺ صاحب! توهان تمام سٺو ڪم ڪيو. شراب کي مٽيءَ ۾ ...لائي ڇڏيو، نه ته شراب توهان کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي ها.“

(شراب پيئڻ بري ۾ بري عادت آهي.)

”ماتا، توهان جي مون مٿان بيحد گهڻي ڪرپا آهي. پر هٿن ۾ موچ اچي ويئي آهي. مان در به بند نه ڪري سگهندس.“

ديويءَ چيس، ”اي! آلسي اِنسان، وڃ منهنجي مورتيءَ پوئتان لِڪي پئه.“

چور چيس، ”ڊپ وچان منهنجا پير به نٿا هُري سگهن، اُٿي به نٿو سگهان.“

”هليو وڃ هتان. اهڙي آلسي اِنسان جي مدد هڪ ديوي ته ڇا، سؤ ديويون به نه ڪري سگهنديون.“ ديويءَ چنيبندي چيس.

(آلسي اِنسان مٿان ديوتا به ناراض ٿا ٿين.)

ٻه تو مٿان ڪروڌ ڪونه ڪيو. جيئن هنن توکان ڪانءِ جي باري ۾ پڇيو آهي، تيئن تو ٻه جهرڪيءَ جي باري ۾ پنجويهه دفعا پڇيو هو. پر هنن هڪ ڀيرو ٻه ڪروڌ ۾ جواب ڪونه ڏنو هو. سدا پڇڪاريندي توکي ٻڌايو هو ته جهرڪي آهي. پر هاڻي ٻڍاپي ۾ هنن کي ٻلجڻ جي ڪمزوري اچي ويئي آهي، تڏهن تون جهنجهلائين ٿو.'' ماءُ جي ڳالهه ٻڌي ٻڌ پرڪاش کي شرم اچي ويو ۽ پڇتائيندي پيءُ کان معافي ورتي.

(ٻار ۽ ٻڍا سياءَ ۾ گهٽو ڪري هڪ جهڙا ٿا ٿين.)

7. پڇناءُ

صبح سوير ٻڌ پرڪاش پنهنجي ماءُ پيءُ سان گڏ چانهه پي رهيو هو. سيبئي ورانڊي ۾ ويٺا هئا. اُتي اوچتو هڪ ڪانءُ اچي ويو. پيءُ پٽ کان پڇيو، ”پٽ! هيءُ ڇا آهي؟“ ”ٻڌ پرڪاش هوريان عزت سان جواب ڏنو، ”بابا! هيءُ ڪانءُ آهي.“ ٿوري دير کان پوءِ پيءُ پٽ کان ساڳيو سوال ڪيو، ”پٽ! هيءُ ڇا آهي؟“ پٽ ساڳيو ئي جواب ڏنس، ”بابا! هيءُ ته ڪانءُ آهي.“ ڪن کان پوءِ وري پيءُ ٻڌ پرڪاش کان ساڳيو ئي سوال پڇيو، ”پٽ! هيءُ ڇا آهي؟“ ٻڌ پرڪاش ٿورو ڪاوڙ ۾ زور سان جواب ڏنو، ”بابا! ڪيترا دفعا چوان هيءُ ڪانءُ آهي، هيءُ ڪانءُ آهي. گهڻا ڀيرا توهان پڇندا؟ هينئر ڪونه پڇجو.“

پر پيءُ کي ٻلجڻ جي عادت هئي. هن وري ڇوٽون ڀيرو ڪانءُ طرف اِشارو ڪندي پڇيو، ”هيءُ ڇا آهي پٽ؟“

هاڻي ٻڌ پرڪاش کي گهڻي ڪاوڙ اچي ويئي. هنجي صبر ڪرڻ جي حد پڄي پيئي. هن جهنجهلائيندي چوڻ شروع ڪيو، ”بابا! هڪ ئي سوال ڪيترا دفعا پڇندا رهندا؟ جواب ڏيندي ڏيندي مان ته ٿڪجي پيو آهيان، پر توهان سوال پڇندي پڇندي ڪونه ٿڪيا آهيو؟“

ٻڌ پرڪاش جي ماءُ چپ چاپ هيءُ لقاءُ ڏسي رهي هئي. جڏهن ٻڌ پرڪاش کي گهڻو ڪروڌ آيو، تڏهن هن پٽ کي چيو، ”پٽ، جڏهن تون تمام ننڍڙو هئين، تڏهن تون به هڪ ئي سوال اَلائي ڪيترا ڀيرا پڇندو هئين، پر هنن ڪڏهن

9. پڪو اِرادو

مَدُر نگر ۾ ڏنيرام نالي ڏنوان رهندو هو. هنکي هڪ ڌيءَ ۽ ٻه پٽ هئا. ڌيءَ سڀ کان ننڍي هئي. هڪ دفعي ڏنيرام نگر ۾ هڪ عاليشان عمارت اَڏائي. گهر جي مهورت وقت هن وڏي مجلس ڪئي. مجلس ۾ هنجي هڪ پوڙهي مائٽياڻي ٻه آئي هئي. هن ڏنيرام کي چيو، ”ڏنيرام! تو عمارت تہ شاندار ٺهرائي آهي پر اُن ۾ هڪ گهٽتائي رهجي ويئي آهي. اُن جي مکيہ دروازي تي هڪ پنج رنگي طوطو هجي ها تہ جڳهہ ۾ گهڻي سندرتا ڏسڻ ۾ اچي ها.“ ڏنيرام چيس، ”چاچي، مهرباني ڪري ٻڌاءِ تہ اهو طوطو ڪٿي ملندو آهي؟“ چاچيءَ چيس، ”طوطو آڻڻ سؤلو ڪم ڪونہ آهي. هتان پنجاهہ ڪوهہ پري ڪُش گِري نالي پربت آهي. اُتي عجيب وَ غريب آواز ايندا آهن. طوطو حاصل ڪرڻ لاءِ اُتي رکجڻ جو حڪم ملندو آهي. جيڪو پنهنجي پوئتان ڏسندو آهي، اُهو پٿر ٿي ويندو آهي. اِن ڪري پوئتي ڏسڻ کان سواءِ اَڳتي وڌڻ گهرجي. آخر ۾ هڪ اَنب جو وڻ آهي. اُتي ٽنگيل هڪ پڃري ۾ اُهو طوطو بند آهي. پڃرو ڪٽندي ئي آواز اچڻ بند ٿي ويندا آهن. ان طوطي کي مکيہ دروازي تي لٽڪائي ڇڏ. سک ۽ ڌن دولت ۾ واڌارو ٿيندو ويندءِ.“

ٻئي ڏينهن صبح سوير ئي ڏنيرام گهوڙي تي سوار ٿي روانو ٿي ويو. جڏهن پربت (جبل) تي پهتو تہ هنکي آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ”رُڪ، اَڳتي نہ وڌ.“ ٿوري دير تائين تہ ڏنيرام اَڳتي وڌندو رهيو پر هڪ دفعي پوئتي مُڙي ڏٺائين ۽ هو يڪدم هڪ پٿر بڻجي ويو. پيءُ کي ڳولهڻ لاءِ ٻئي پٽ ٻہ

8. بڍيماني

ڳالهہ پراڻي آهي. هڪ رات جي وقت هڪ واڻيو پنهنجي مڪان جي دريءَ مان پنهنجو منهن ٻاهر ڪڍي ڪجهہ ڏسي رهيو هو. اُن وقت اُتي پرسان ئي ڪليل دريءَ مان مڪان اَندر وڃي چوري ڪرڻ جي اِرادي سان هڪ چور بہ لِڪل بيٺو هو. جيئن ئي واڻئي منهن ٻاهر ڪڍيو تہ چور هن جو ڪَن پڪڙيو ۽ چيائينس تہ ”جيڪڏهن پنج سؤ روپيا ڏيندين تہ ڪَن ڇڏي ڏيندوسانءِ ۽ مان هليو ويندس.“

واڻيو سياڻو هو. پنهنجي ٻڌي ٻل سان ڪجهہ سوچي پنهنجي ڌيءُ کي وڏي واڪي چيو تہ ”تون جلد پنج سؤ روپيا کڻي اچ تہ چور کي ڏيان؛ هن منهنجو ڪَن پڪڙي ڇڏيو آهي. ڪَن ڇوڙڻ لاءِ پنج سؤ روپيا تو گُهري. جي تون دير ڪندينءَ تہ منهنجو نڪ پڪڙيندو ۽ نڪ ڇڏي ڏيڻ جا هڪ هزار گهرندو.“

چور اهو ٻڌو. لالچ ۾ اچي هن ڪَن ڇڏي، نڪ پڪڙڻ لاءِ جيئن ئي هٿ وڌايو تہ واڻئي يڪدم منهن اَندر ڪري دري بند ڪري ڇڏي.

تڏهن ڪان چوندا آهن تہ واڻئي جي واڻِي سمجهہ واري ٿيندي آهي.

(خطري ۾ بہ بڍيماني، سنو قل ٿي ڏئي.)

10. موئت جو ڇاڄو پيءُ

هڪ مهاڻو روز سمنڊ جي ڪناري ايندو هو. پنهنجي ڄار سان مڇيون ڦاسائي، بازار ۾ وڪڻي، پنهنجي ڪٽنب جي پالنا ڪندو هو. هڪ ٻيو شخص به روز اُتي ئي گهمڻ ايندو هو ۽ اُن مهاڻي جو اهو روز جو دستور ڏسندو هو. ڪڏهن مهاڻي کي ڄار ۾ ڪجهه به ڪونه ملندو هو پر مهاڻو ٿڪبو ڪونه هو. هڪ ڏينهن هن مهاڻي کان پڇيو، ”تون اَڪيلو ئي هتي مڇيون مارڻ ايندو آهين، تنهنجو پيءُ ڪٿي آهي؟“ مهاڻي ٻڌايس ته هن کي هڪ وڏي مڇي ڳيهي ويئي.“ ”تنهنجو ڏاڏو ڪٿي آهي؟“ ”ٻيڙي ٻڏڻ ڪري هوُ سرڻ درياهه تي ويو.“ مهاڻي جو جواب هو. اهڙيءَ طرح ڏاڏي ۽ ڇاڇن جي باري ۾ پڇا ڪرڻ تي مهاڻي ٻڌايو ته اُهي به سمنڊ اَندر هليا ويا آهن.

پڇڻ وارو واپاري هو. هنکي گهڻو تعجب لڳو. هن مهاڻي کي چيو، ”دوست، هي سمنڊ تنهنجي پريوار جي تباهيءَ جو باعث آهي. اِهو ڄاڻي به تون لڳاتار سمنڊ ۾ ٻيڙيءَ تي وڃي مڇيون پڪڙڻ ويندو آهين. ڇا توکي موئت جو خوف ڪونهي؟“ مهاڻي چيس، ”دوست! موئت جو خوف ڪنهنکي هجي يا نه، پر موئت ته سڀ وٽ ايندو. تنهنجا گهر وارا شايد هتي سمنڊ وٽ ڪونه آيا هوندا پر تڏهن به هوُ موئت جو بک ٿيا. موئت ڪيئن ايندو ۽ ڪڏهن ايندو، اِهو اَڄ تائين ڪنهن ڪونه ڄاتو آهي. پوءِ مان بيڪار ڇو خوفذدا ٿيان؟“

واپاري سمجهي ويو ته ستن تالن ۾ بند به هرهڪ کي مرڻو آهي. هوُ موئت کان بچي ڪونه ٿو سگهي. اِها سچي ڄاڻ وارو شخص ئي موئت جي خوف کان تمام مٿي هوندو آهي.

(جيڪو آيو آهي، اُهو هڪ ڏينهن ويندو.)

هڪ هڪ تي پٽر پند تي پيا. هاڻي پيءُ ۽ ٻنهي ڀائرن جي تلاش ڪرڻ لاءِ ڌيءَ به نڪتي. ڌيءَ پڪي اِرادي واري هئي. هوءَ آوازن ڪان نه گهٻرائي ۽ ٻنا پوئتي ڏسڻ جي اڳتي هلندي رهي. آخر ۾ هنڪي سڦلتا ملي ۽ طوطي تائين پهتي. پڃرو کٽندي ئي طوطي چيو، ”تون منهنجي مالڪڻ آهين؛ جيڪي چوندينءَ، اُهو ڪندس.“ ڇوڪريءَ چيس، ”هتي جيترا به پٽر پند آهن، اُهي سڀيئي زنده تي پون.“ طوطي سڀني کي جيئرو ڪيو. سڀني ڇوڪريءَ جا ٿورا مڃيا ۽ شڪرانا اَدا ڪيا. پيءُ ۽ ڀائر خوشيءَ ۾ نه پئي ماپيا. طوطي کي کڻي گهر آيا. ڌنيرام عمارت جي مکيه دروازي مٿان طوطي سميت پڃرو ٽنگائي ڇڏيو ۽ سُک سان رهڻ لڳو.

(پڪي اِرادي سان محنت ڪاميابي تي بخشي.)

جڏهن پنهنجو مڪان ناهڻو هو تہ بيمنو ٿي ڪم ڪيو. چاهيان ها تہ پنهنجي لاءِ پنهنجي هنر سان هيءَ عمارت اجا بہ سندر، شاندار ۽ عاليشان ناهي سگهان ها. جلدبازيءَ ۾ ڪوبہ ڪم ڪونہ ڪرڻ گهرجي. پر هاڻي ڪجهہ وَرڻ وارو ڪونهي. پنهنجي من جي، من اَندر ئي رکي چپ ڪيائين.

(پنهنجو ۽ پرائو ڪم هميشهہ من لڳائي ڪرڻ گهرجي.)

11. بي دلئي ڪم جو قُل

راجا آمرتيہ راوَ جي راڄ ۾ گيانچند نالي رازو رهندو هو. هوُ مڪان ناهڻ جو ڪم ڪندو هو. هن ڪيترين وڏيون عاليشان عمارتون ناهيون هيون. راجا هنجي ڪم مان ڏاڍو خوش هو. هڪ ڏينهن گيانچند راجا کي وينتي ڪئي، ”مهاراج! مان هاڻي ٻڍو ٿيِ ويو آهيان. ڪم ڪرڻ جي سَگهہ بہ گهٽجي ويئي آهي. توهان آگيا ڏيو تہ جيوَت جا باقي ڏينهن پنهنجي پريوار سان پنهنجي ڳوٺ ۾ گذاريان.“ راجا چيس، ”تون ڳوٺ ڇو ٿو وڃين؟ سڀي ڪٽنب کي هتي ئي گهرائي وٺ.“ گيانچند ٻڌايس، ”مان بہ اِهوئي چاهيان پيو، پر مهاراج! هتي مون کي ڪوبہ پنهنجو مڪان ڪونہ آهي. ساري عمر ڪم ڪندي گذري ويئي. ايترو وقت بہ ڪونہ مليو، جو پنهنجي لاءِ مڪان ناهيان. ڳوٺ وڃي پهرين پنهنجي لاءِ ننڍڙو مڪان ناهيندس.“ راجا چيس، ”چڱو، تون ڳوٺ وڃين تہ ڀلي وڃ، پر آخر ۾ هڪ عمارت ناهي وڃ.“ راجا جو حڪم ڪيئن ٽاري؟ هن يڪدم راجا جي حڪم تي جيئن تيئن عمارت اَڏي پنهنجي ڳوٺ وڃڻ پئي چاهيو، اِن ڪري عمارت اَڏڻ ۾ خاص ڌيان ڪونہ ڏنائين. ڪم نيڪ ٿو ٿئي يا نہ، اِن لاءِ هن کي ڪا پرواهہ ڪانہ هئي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ عمارت تيار ٿي ويئي. راجا اچي مڪان ڏنو ءِ گيانچند کي چيائين، ”هاڻي توکي ڳوٺ وڃڻ جي ضرورت ڪانہ آهي. هيءَ عمارت مان توکي ڀيٽ ٿو ڪريان. تون پريوار سان هتي ئي اچي رهہ.“

اِهو ٻڌي گيانچند چپ ٿي ويو. هن سوچيو، ”مان زندگيءَ ۾ ٻين لاءِ تمام سٺيون عمارتون ناهيون آهن، پر

13. تياڳ جي مهما

مگڌ ديش جي هڪ شهر ۾ ڪونڊنت وِپر نالي ودوان هندو هو. هوُ سينيِ ويدن جو ڄاڻو هو. هنجي سرل ۽ منڙي هنوار ڪري شهرواسيِ ڏاڍو خوش هئا.

هڪ ڏينهن ان شهر ۾ ڀڳوان ٻڌ جو اچڻ ٿيو. سيئيِ ننڍا وڏا، ڪٽنبن سميت هنجي درشن لاءِ وڃڻ لڳا. راجا ٻـ پنهنجي راڻين سميت درشن لاءِ تياريِ ڪرڻ لڳو. ودوان کي اها ڳالهہ ٺيڪ نہ لڳيِ. هوُ راجا وٽ اچِي چوڻ لڳو، ”مهاراج! توهان جو هڪ ڀڪشوُءَ سان ملڻ ٺا وڃو؟ توهان ديش جا راجا آهيو، توهان لاءِ اِها سهڻيِ ڳالهہ ڪانہ آهي. توهان جي مهما گهٽ ٿي وينديِ ۽ ’ٻُڌ‘ جي عزت وڌيِ وينديِ. اِن ڪري توهان کي سوچڻ گهرجي تہ هڪ راجا، هڪ ڀڪشوءَ وٽ ڇو وڃي؟“

اِهو ٻڌيِ راجا مُشڪيِ چيس، ”ٻڌ ڀڳوان مون کان وڌيڪ مهان آهي. اسان ويد ڄاڻون ٿا، پر هُن ويدن جي سکيائن کي پنهنجي جيوَن ۾ ڪنب ڪونہ آندو آهي. پر ويدن اَنوسار هنجيِ هلت چلت ۽ وهنوار آهي. هن دنيا جي ڀلائيِءَ لاءِ ڌن ۽ شان شوڪت تياڳيِ آهي. گڏ ڪرڻ جي بدران تياڳ ڪيو آهي. تياڳيِ منش وڏا مهان ٿيندا آهن. ٻڌ ڀڳوان دنيا جون لڙايون جيتڻ جي بدران پاڻ کي جيتيو آهي. ٻين مٿان سوڀ پائڻ بدران پاڻ مٿان سوڀ پاتيِ آهي. هرهڪ وير مهاوير اَڳيان نمندو آهي ۽ نمسڪار ڪندو آهي. اِن ڪري ٻڌ ڀڳوان جهڙي ڀڪشوءَ کي پرڻام ڪرڻ لاءِ راجا جو وڃڻ بلڪل ٺيڪ ۽ صحيح آهي.

راجا شاهيِ دٻدٻي مٿان تياڳ جي جيت جو اُپديش ڏيئيِ ودوان کي چپ ڪرائي ڇڏيو.

(تياڳيِ اِنسان جو پد راجا کان ٻـ اوچو آهي.)

12. سچو ڪنيادان

سنت نظير وڏو ايشوَر جو ڀڳت هو. هنکي پورو وشواس هو تہ ”ايشوَر جيڪي ڪجهہ ڪري ٿو، ڀلائيءَ لاءِ ئي ٿو ڪري. دين دکين، ڪمزور ۽ نربل جي شيوا ايشور جي شيوا آهي.“

هوُ پيشوا راجڪمارن کي پڙهائڻ ويندو هو. هنجي اچڻ وڃڻ لاءِ هنکي هڪ گهوڙي ڏني ويئي هئي.

هڪ ڏينهن هن کي پگهار مليو ۽ گهوڙيءَ تي پنهنجي گهر موٽي رهيو هو. رستي ۾ هنکي هڪ پيرسن مليو. هن سنت کي روڪي ڪجهہ مالي مدد لاءِ عرض ڪيو. پنهنجي ڌيءَ جي شاديءَ لاءِ هن کي ضرورت هئي. ”توري مدد ملندي تہ ڌيءَ جي شادي سؤلائيءَ سان ٿي ويندي.“

سنت نظير چيس، ”بابا! تنهنجي ضرورت منهنجي ضرورت آهي. ايشوَر جي مرضيءَ سان اسانجي ملاقات ٿي آهي. اَج مون وٽ ڪافي رقم آهي. اُها وٺ ۽ نياڻيءَ جي شادي ڪراءِ.“ اِهو چئي سنت پنهنجي سڄي پگهار ضرورتمند پيرسن کي ڏني. هن ڪڏهن ڪونہ سوچيو هو تہ ڪوئي ايتري وڏي رقم ڏيندو. هوُ پنهنجي نياڻيءَ جي شادي خوشيءَ خوشيءَ ڪرائي سگهندو. سنت نظير جي فراخدلي ۽ تياڳ ڏسي هنجون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويون ۽ سنت جون لک لک مهربانيون مڃيون. اِهو ڏسي سنت پٽڪندي چيو-

دؤلت جا تو وٽ آهي، ياد رک اها بات،
ڪاڻ تون بہ ۽ اَلله جي راهہ ۾ ڪر خيرات.

(سچي دؤلت اها آهي، جيڪا نيڪيءَ جي ڪم اچي.)

شش جو جواب ٻڌي ٻڌ ڀڳوان کي سنتوش ٿيو. هن چيو،
تون ڀاڳ وارو آهين. رڳو تون ئي سچو ساڌو آهين. چاڪاڻ
ه تو جهڙا اِنسان ڪنهن بہ حالات ۾ ٻين کي برو ڪونہ
مجهندا آهن. مونکي پورو وشواس آهي تہ تون هميشھ ڌرم
ي رستي تي هلندو رهندين.''

(ٻين کي هميشھ پنهنجو همدرد ۽ مددگار
سمجهڻ ئي سچو ڌرم آهي.)

14. سچو ساڌو

گوتم ٻڌ، پنهنجي شش کي سکيا ڏيڻ کان پوءِ ڌرم چڪر جي ڦهلاءَ لاءِ ٻوڻ ۽ شهرن ۾ موڪلڻ کان اڳ هنن کي چيو، ”توهان کي سٺا ۽ خراب اِنسان ملندا. چڱا ماڻهو توهان جي واکاڻ ڪندا ۽ مندا ماڻهو توهان جي گلا ڪندا. هنن جو اهڙو وهنوار توهان کي ڪيئن لڳندو؟“

سيني پنهنجي سمجھ اَنوسار جواب ڏنو. هڪ شش چيو، ”جيڪي ماڻهو منهنجي گلا ڪندا، اُنهن کي مان ڪجھ ڪونه چوندس، ڇو جو هنن فقط گلا ڪئي، چماٽ تہ ڪونہ هنيائون.“

”پر جيڪڏهن ڪنهن توکي چماٽ هڻي تہ؟“

”مان هنکي ڌنيواد ڏيندس. هن فقط چماٽ هنئي، لڪڻ سان ڪونہ ماريائين.“

”پر هوُ توکي لڪڻ سان ماري تہ؟“

”تہ مان هن کي ديالو سمجھندس. ڇو جو هن مون کي جانِ سان ڪونہ ماريو.“

”پر جيڪڏهن توکي جانِ سان ئي ماري ڇڏي تہ؟“ ٻڌ مشڪي پڇيس.

شش جواب ڏنو، ”هن دنيا ۾ گھڻو دک آهي. جيترو وڌيڪ جيئرو رهندس، اوترو وڌيڪ دک سهندو رهندس. اهڙي زندگيءَ ۾ مڪتيءَ لاءِ آتم هتيا مهاپاپ آهي. جيڪڏهن جيوَن مان اِن طرح مڪتي ملي تہ مان هنجو احسان مڃيندس.“

16. پاڻيءَ جو ڏول

هڪ دفعي ڀڳوان ٻڌ کان هڪ شش پڇيو، ”ڀڳون! مان اِنسان ذات کي گھڻو ئي پيار تو ڪريان، پر مون سان ڪوبہ پيار نٿو ڪري.“

ڀڳوان ٻڌ اُن وقت ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو.

شام جي وقت ڀڳوان ٻڌ ۽ ساڳيو شش هڪ سيا ۾ ڪٿا ڪري گڏ موٽي رهيا هئا. رستي ۾ ڪوھ ڏسي شش پاڻي پيئڻ جي گروءَ کان آڳيا گھري.

کوھ گھڻو اونهو هو. شش نوڙيءَ سان ڏول ٻڌي کوھ اَندر وڌو ۽ ڏول پاڻيءَ سان ڀرجي وڃڻ جو آواز ٻڌي نوڙي مٿي ڇڪڻ لڳو. گھڻي جفاڪشيءَ کان پوءِ ڏول مٿي آيو پر شش ڏول خالي ڏٺو، ڇاڪاڻ تہ ڏول ۾ سوراخ هئا. اِهو ڏسي ڀڳوان ٻڌ چيس، ”پٽ، پنهنجي سوال جو جواب ٻڌ- اسان جو من بہ ڏول وانگر آهي. اُن ۾ ننگ آهن. پاڻي رهي تہ ڪٿي رهي؟ اسان جي من ۾ وير، ورود جا سوراخ آهن. پريم سان ڀريون بہ پر بچندو ڪين. سڄو سارو وَهي هليو ويندو. اِن ڪري پهرين من روپي ڏول کي نيڪ ڪريون، تڏهن اُهو ڀرجي سگھي ٿو.“

ٻڌ ڀڳوان جا وچن ٻڌي شش پنهنجي من کي وير ورودُ کان آزاد ڪري ڇڏيو.

هاڻي هن کي سڀيئي پريم ڪرڻ لڳا.

(هرهڪ جيو ۽ اِنسان لاءِ من ۾ پريم ڀريو رهڻ ئي سچو گيان آهي.)

15. پارُوٿو پوڄڻ

شراوستيِ شهر جو سيٺ مڳارُ پوڄڻ ڪاڻڻ وينو. هنجيِ سشيل نُنهن وشاکا هٿ ۾ پنکو کڻيِ هوا ڪري رهيِ هئيِ. اُن وقت هڪ ٻڌ ڀڪشوُ آيو ۽ ٻکيا گهريِ. سيٺ، ڀڪشوءَ جي آواز طرف ڌيان نہ ڏنو. جڏهن ڀڪشوءَ وري آواز ڏنو، تڏهن وشاکا چيس، ”اسان جي گهر اَڄ پوڄڻ نہ ٺهيو آهي. سهرو بہ پاروٿو پوڄڻ ٿو کائي، اِن ڪري توهان ٻئي ڪنهن گهر وڃيِ پوڄڻ گُهرو.“

نُنهن جي ڳالهہ ٻڌيِ نڳر سيٺ کي ڏاڍو غصو لڳو. هن پوڄڻ کائڻ ڇڏي ڏنو. هٿ ڌوئيِ هن نُنهن کي چيو، ”تو منهنجو اَپمان ڪيو آهي. تون هڪدم گهر کان نڪريِ وڃ.“

وشاکا حليمائيِءَ سان سيٺ کي چيو، ”توهان منهنجي شاديِءَ وقت منهنجي پتا کي وچن ڏنو هو تہ منهنجيِ غلطيِءَ لاءِ اُنن ڄڻن جي وچ ۾ فيصلو ڪري پوءِ مونکي سزا ڏيندا.“

”اِئين ئيِ ٿيندو.“ نڳر سيٺ ڪروڌ ۾ چيو. هوُ نُنهن کي گهر مان ڪڍيِ ڇڏڻ پيو چاهي. هن اَٺ معتبر ماڻهو گهر گهرايا. وشاکا هنن جي سامهون ٻڌايو، ”اِنسان کي پنهنجي اَڳوڻي جنم جي پڃن ڪري ڌن دولت ملنديِ آهي. منهنجي سهريِ کي بہ هنجي پهرئين جنم جي پڃن جي ڦل ڪري هيِءَ سمپتيِ مليل آهي. هاڻي هن نوان پڃ جا ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيا آهن. اِن ڪري مون چيو تہ هيِ پاروٿو ٿا کائين.“ پڻنڇن ڀڪشوءَ جيِ ڳالهہ بہ ٻڌيِ ۽ چيائون، ”نُنهن سچ چيو آهي. توهان کي گهر آيل مهمان جيِ عزت ڪرڻ کپنديِ هئيِ.“

(مهمان کي ڀڳوان جو روپ ٿو مڃيو وڃي.)

18. شنڪناد

هڪ دفعي هڪ سنت رات جي وقت ڪٿان موٽندي پنهنجي آشرم ۾ وڃي رهيو هو. سامهون چار چور اچي رهيا هئا. هڪ چور سنت کان پڇيو، ”تون ڪير آهين؟“ سنت جواب ڏنس، ”ياڻي جهڙو تون، اهڙو ئي مان بہ.“ چورن هن کي بہ چور سمجهيو ۽ سنت کي چيائون تہ ”تون ڪو نئون چور ٿيو آهين. تون بہ هاڻي اسان سان گڏ چوري ڪرڻ هل.“

چورن هڪ مڪان ۾ ڪاٽ هنيو ۽ سنت کي چيائون، ”تون ٻاهر بيھ، ڪو ڏسڻ ۾ اچيئي تہ اسان کي خبردار ڪج.“

چور اَندر هليا ويا. سنت پنهنجي جهوليءَ مان شنک ڪڍيو ۽ اُن کي وڄائڻ لڳو. چورن آواز ٻڌو تہ ڀڄي ويا. ٻاهر اچي ڏٺائون تہ سنت روڪي چور شنک وڄائي رهيو آهي. هن کي اُتان گهلي هڪ طرف وٺي پڇيائون، ”تون شنک ڇو ٿو وڄائين؟“

سنت چين، ”توهان ئي چيو هو تہ ڪو ڏسڻ ۾ اچي تہ توهان کي خبر ڏيان. مون چئني طرفن نظر وڌي تہ مون کي چؤڏاري ايشور ڏسڻ ۾ آيو. مون سوچيو تہ ايشور توهان کي چوري ڪندي ڏٺو آهي تہ توهان کي خبردار ڪيان.“

چورن جڏهن سنت جي ڳالھ ٻڌي تہ سمجهيائون تہ هي چور نہ پر ڪو مهاتما آهي. هوُ سڀئي هنجي پيرن تي ڪري پيا ۽ وچن ڏنائون تہ هوُ آئيندھ چوري ڪونہ ڪندا.

(سچو سنت هرهنڌ ايشوَر جو ديدار ٿو ڪري.)

17. جيڪو ڏاڍو، تنهنجو ڳابو

هڪ برهمڻ کي دڪشڻا ۾ هڪ مينهن مليِ. هوُ مينهن سان گڏ پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هو. رستي ۾ هڪ جڳهه سُنسان هئيِ. اُتي هنکي هڪ هٽو ڪٽو، پهلوان جهڙو هڪ ڪسان مليو. هٿ ۾ وڏي لٺ به هئس. برهمڻ سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي ڪسان چوڻ لڳس، ”برهمڻ ديوتا! اِها مينهن مون کي ڏي.“ برهمڻ چيس، ”ڇو يار، ڪهڙيِ خوشيءَ ۾؟“ ڪسان ڌمڪائي چيس، ”مان ’ڇو‘ ’ڇو‘ ڪجهه ڪونه ٿو سمجهان. چپ چاپ مينهن مون کي ڏي. نه ته نه مينهن ته ويندءِ، پر تنهنجا هڏ گُڏ به ڀَڃي ڀُرجيِ ويندا.“ برهمڻ به هٽو ڪٽو هو، پر هٿ ۾ ڪجهه ڪونه هوس. هوُ سياڻو هو ۽ سمجهه جي شڪتيِ وڏيڪ هئس. برهمڻ پريم سان چيس، ”مينهن برهمڻ جيِ شيءِ آهي. ڀل تون ڪڻ، پر توکي پاپ لڳندءِ. پر جيڪڏهن مينهن جي بدلي ۾ ڪجهه دڪشڻا ڏيندين ته تون پاپ کان بچيِ پوندين.“ ڪسان چيس، ”مون وٽ توکي ڏيڻ لاءِ هينئر هٿ ۾ ڪجهه ڪونه آهي.“ برهمڻ ڪجهه ڪڻ سوچي چيس، ”چڱو، جي چاهين ته تون پنهنجيِ لٺ ڏيئيِ سگهين ٿو.“

ڪسان ڏاڍو خوش ٿيو. لٺ برهمڻ کي ڏيئيِ مينهن مٿان هٿ رکيِ بيهيِ رهيو.

هاڻي برهمڻ کي طاقت اچيِ ويئيِ. اَکڙجيِ ڪسان کي چيائين، ”مينهن کان هٿ پري ڪر، نه ته هاڻي جو هاڻي کوپڙيِ ڀڃيِ ڇڏيندوسانءِ.“ ڪسان پڇيس، ”ڇو؟“ برهمڻ چيس، ”ڇو جو ڇا مطلب؟ جنهنجيِ لٺ، هنجيِ ئيِ مينهن.“

ڪسان پنهنجيِ مورکتا سمجهِي چپ چاپ اُتان هليو ويو.

(طاقت سان گڏ سمجهه به ضروريِ آهي.)

20. پنهنجو پنهنجو سڀاءُ

هڪ دفعي گنگا نديءَ جي ڪناري تي هڪ مهاتما پنهنجي تپسيا ۾ مگن هو ۽ سندس شش اُتي وينو هو. اوچتو درد وچان مهاتما ڇيخ ڪئي ۽ پير مٿان وينل وڇونءَ کي جهٽڪي سان پري ڪيو. وڇون وڃي نديءَ ۾ ڪِريو ۽ پاڻ کي بچائڻ لاءِ ٻاهر اچڻ لاءِ تڙڦڻ لڳو. مهاتما اِهو ڏسي وڇونءَ کي هٿ سان پاڻيءَ کان ٻاهر ڪڍيو. پر وڇونءَ وري ڏنگ هڻي مهاتما کي پيڙا پهچائي؛ پر مهاتما وري وڇونءَ کي ٻاهر ڪڍيو ۽ وڇونءَ ڏنگ ماريو. اهڙيءَ طرح ڪيترائي دفعا مهاتما وڇونءَ کي بچايو ۽ وڇونءَ مهاتما کي ڏنگيو.

اِهو ڏسي شش کان رهيو ڪونه ٿيو ۽ چيائين، ”گروجي! هيءُ دشت توهان کي ڏنگ تو هڻي ۽ توهان آهيو جو هن کي بچائيندا ٿا رهو.“

”پٽ!“ گروءَ چيو، ”هرهڪ جيوَ جو سڀاءُ اَلڳ آهي. وڇونءَ جو سڀاءُ ڏنگ هڻڻ ۽ ٻين کي دکي ڪرڻ آهي پر منهنجو سڀاءُ آهي ٻين کي بچائڻ ۽ جيوَن دان ڏيڻ. هن جيوَن ۾ اهڙا وڇون اَلڳ اَلڳ روپن ۾ ملندا رهندا ۽ هوُ ڪيترائي دفعا اسان کي ڏنگيندا پر اسان کي پنهنجي ڀلمانسائي نہ ڀلجڻ کپي. پنهنجي آتما جو آواز ٻڌو ۽ ٻين سان ڀلائي ڪريو. وڇون جڏهن خراب سڀاءُ نٿو ڇڏي تہ اسان ڇو پنهنجو سٺو سڀاءُ ڇڏي ڏيون؟“

(برو اِنسان پنهنجو برو سڀاءُ نہ ڇڏي تہ سٺو اِنسان پنهنجو سٺو سڀاءُ ڇو ڇڏي؟)

19. پگھر جا گُل

شريِ رام جڏھن بنواس جي وقت شبريءَ وٽ ويو، تڏھن جھوپڙيءَ جي آس پاس ۽ چئني طرف گل ڦل نڙيل ھئا. ڪوبہ گل ڪومايل ڪونہ ھو. سيني مان خوشبوءِ پئي آئي. ڀڳوان اُن جو ڪارڻ پڇيو، تڏھن شبريءَ جواب ڏنو، ”ڀڳوَن! اِن جو ڪارڻ ھڪ گھٽنا آھي. آڳاٽي وقت ۾ ھتي ماتنگ رشيءَ جو آشرم ھو. ھتي ٻيا بہ رشيِ مُنيِ ۽ سندن شش رھندا ھئا. ھڪ دفعي برسات جي مؤسم کان اَڳ ۾ ئيِ ڪانيون ختم ٿيڻ واريون ھيون. برسات جي اچڻ کان اَڳ ڪانيون گڏ ڪري رکڻ ضروريِ ھو. آلس جي ڪري شش ڪانيون ڪٽڻ ڪونہ پئي ويا.

ھڪ ڏينھن پيرسن ماتنگ رشيِ خود ڪھاڙو کڻيِ بن ۾ ڪانيون ڪَٽڻ ھليِ ويو. گروءَ کي ڏسيِ شش بہ پوئتان پوئتان ويا. سُڪل ڪانيون ڪَٽيون ويون ۽ بنڊل ٻَڌيِ آشرم طرف موٽڻ لڳا. اوچتو ھڪ شش جي وات مان نڪريِ ويو، ”اَري! عجب اِسرار ڏسو، پيرسن آچاريہ جي بدن مان پگھر جون بوندون ٽيون نڪرن. شش بہ پگھر ۾ لٽ پٽ ٿيِ ويا ھئا. جتي جتي گروءَ ۽ ششن جي پگھر جون بوندون ڪِريون، اُتي سندر گل ڦل نڙندا ويا. اُھي گل ڦل وڏندي وڏندي سڄي بن ۾ پکڙجيِ ويا آھن. اِھي سڀ ھنن جي محنت جو ڦل آھن ۽ اِھي ڪڏھن بہ ڪومائجن نٿا ۽ چئني طرفن کان محنت جيِ خوشبوءِ ٿيِ اچي.“

(پگھر جي ڪمائيِ چئنيِ طرف خوشبوءِ پکيڙيندي آھي.)

22. صحيح نظريو

هڪ گروءَ پنهنجي آشرم ۾ ٻارهن سالن تائين ششن کي سکيا ڏني. دکشڻا جي وقت هن ششن کي چيو ته آشرم جي آسپاس جيڪي بيڪار ٻوٽا ڏسو، اُنهن جي لسٽ ڪٺي اچو. سيئي خوش ٿيندا ويا ۽ پنهنجي سوچ ۽ نظريي سان اَلڳ اَلڳ نالا لکي آيا. پر هڪ شش ڪورو ڪاغذ آڻي گروءَ کي ڏنو. ڏسي گروءَ پڇيو، ”ڇا ڳالهه آهي؟ تو بيڪار ۽ فالتو ٻوٽن جي لسٽ ڪانه ناهي. شش چيو، ”گرديوَ! هرهڪ ٻوٽي ۾ ڪو نه ڪو گڻ آهي. قدرت اُنهن کي اِئين ئي پيدا ڪونه ڪيو آهي. قدرت جي هرهڪ شيءِ خاصيت واري آهي. جنهن ٻوٽي کي اسان بيڪار سمجهون ٿا، اُها جانور لاءِ گاهه ۽ وئدين جي ڪم جي شيءِ آهي. بيڪار ڏسڻ وارو پَن به دوا جي ڪم اچي سگهي ٿو.“

اِهو ٻڌي گروءَ ٻين ششن کي چيو، ”توهان جي سکيا اڃا اَڌوري آهي. دکشڻا فقط هن کي ئي ڏيڻي آهي. ڇاڪاڻ ته هنجو نظريو صحيح آهي، ناڪاري ڪونهي. ٻوٽن وانگر پراڻين ۾ به پنهنجا گڻ ۽ خاصيتون آهن. اِن ڪري ڪنهن به شيءِ کي ناڪاري سوچ سان نه ڏسڻ گهرجي.“ گروءَ سيني ششن کي نصيحت ڏيندي هن هڪ ئي شش کي دکشڻا جي لائق سمجهيو. سيني ناڪاري سوچ ڇڏي، صحيح سوچ (نظريو) رکڻ جي پرتگيا ڪئي.

(قدرت جي هرهڪ شيءِ ڪارائتي آهي.)

21. دوستي

رگهنات ۽ شريڌر ٻہ گهرا دوست هئا. ٻئي وڏا ودوان پنڊت هئا. هڪ دفعي ٻئي هڪ ٻيڙيءَ ۾ سئر ڪري رهيا هئا. شريڌر، رگهنات کي چيو، ''دوست، وقت ڪَٽڻجي نٿو. مان توکي پنهنجي گرنٿ مان ڪجهہ شلوڪ پڙهي ٻڌايان ٿو. اِهو چئي پنهنجي سامان مان نياءَ درشن جو گرنٿ ڪڍي، ڪجهہ ٽڪرا پڙهڻ لڳو. ڪجهہ وقت تہ رگهنات ٻڌندو رهيو پر ڏيري ڏيري هنجو چهرو مُرجهائڻ لڳو ۽ اوچتو روئڻ لڳو.

شريڌر پڙهڻ بند ڪري دوست کان روئڻ جو ڪارڻ پڇيو. ڏکو ساهہ کڻي رگهنات چيو، ''مون بہ نياءَ درشن جو گرنٿ لکيو آهي. مون سمجهيو هو تہ منهنجو گرنٿ بيمثال آهي ۽ مونکي واهہ واهہ ملندي ۽ منهنجي وڏائي ٿيندي. پر تنهنجي گرنٿ جا ٽڪرا ٻڌي منهنجي آشائن مٿان پاڻي ڦري ويو آهي. تنهنجو گرنٿ منهنجي گرنٿ کان وڌيڪ سٺو آهي. ان جي اَڳيان منهنجي گرنٿ کي ڪوبہ ڪونہ پڇندو. سچ پچ، سچ سامهون ڏيئي جي کهڙي اهميت؟'' چئي رگهنات اوڇنگارون ڏيئي روئندو رهيو.

شريڌر مشڪندي چيس، ''مون کي ڄاڻ ڪانہ هئي تہ تو بہ ان ئي وشيہ تي گرنٿ لکيو آهي. پر اِن ڪارڻ دکي ٿيڻ جي توکي ضرورت ڪانهي. سنسار ۾ ڪوبہ مسئلو ڪونہ آهي، جنهنجو ڪو حل ڪونہ هجي.'' اِهو چئي شريڌر پنهنجو گرنٿ ڦاڙي نديءَ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو ۽ سچي دوستيءَ جو مثال قائم ڪيو.

(سچي دوستي قرباني ڏيندي آهي.)

1. بي خوف سنت

سمراٽ سڪندر وڏو شڪتيوان راجا هو. وڏا وڏا راجا مهاراجا هنجي نالي کان ڊڄندا هئا. هڪ دفعي هوُ ڪٿان موٽي رهيو هو.

رستي تي هن کي هڪ سنت مليو. سمراٽ هن کي عرض ڪيو تہ ”منهنجي راڄ ۾ اچي رهو.“ سنت سڪندر طرف ڏٺو ۽ جواب ڏنو، ”اِهو ٿي ڪونہ سگهندو.“ سڪندر کي ڪروڌ اچي ويو. هن سنت کي گهوُريندي چيو، ”توکي خبر ڪانهي تہ مان ڪير آهيان؟ منهنجي ڳالھ نہ مڃڻ ڪري ڪهڙو نتيجو نڪرندو، خبر اٿيئي؟“

سنت شانتيءَ سان چيو، ”ڇا ٿيندو؟“

سڪندر تيز آواز ۾ چيو، ”مون وٽ تلوار آهي. جيڪو منهنجو چوڻ نہ مڃيندو، اُن جو سِر ڪَٽي ڇڏيندس. ڏس! تون بہ ماريو ويندين.“ سنت مشڪي چيو، ”ڪنهن کي ڊيڄارين ٿو تون؟ مون کي مؤت جو ڪو خوف ڪونهي. مؤت کي مون کي مارڻ جي شڪتي ڪانہ آهي.“

ٿوري ساعت کان پوءِ وري سنت چيس، ”جيڪو مؤت کان ڪونہ ٿو ڊڄي، اُن جو تون ڪجھ بہ نقصان نٿو ڪري سگهين.“

23. سنو وردان

پراڻي ڳالهه آهي. وجيه ننگر جي راجا وجيه سين مٿان هڪ ديوتا خوش ٿي وردان ۾ چار شيون ڏنيون ۽ چيائينس، ”تلوار سڄي دنيا کي فتح ڪرڻ لاءِ، پارس گهڻو سون ناهي رکڻ لاءِ، سرڳ جي سندر اَپسرا آنند ماڻڻ لاءِ ۽ گلاب جو گل خوشبوءِ پکيڙڻ لاءِ آهن. اِنهن چئن شين مان تون ڪابه هڪ شيءِ وردان ۾ ڪٺي سگهين ٿو.“

راجا هٿ ٻڌي نمرتا سان ديوتا کي چيو، ”پڀُوَن! تلوار سان معصومن کي ماري، خون وَهائي، دنيا کي جيتي مان ڪهڙو سُک ماڻيندس؟ پارس سان لوهه کي سون ناهي فقط لُوڀي ٿيندو ويندس. سندر اَپسرا جي سونهن ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ختم ٿي ويندي پر گلاب جو گل هميشهه خوشبوءِ پکيڙيندو رهندو. چئني طرف پنهنجي هڳاءَ سان آنند ڦهلائيندو رهندو.“

”اِن ڪري مان گلاب جو گل توهان جي وردان ۾ ڪٿان ٿو. توهان آسيس ڪيو ته اِها خوشبوءِ سڄي دنيا ۾ ڦهلجي وڃي، جيڪا دوست ۽ دشمن ۾ ٻيائي ڪانه ٿي ڏسي. سڀ کي هڪ جهڙو ٿي سمجهي.“

ديوتا جواب ٻڌي ۽ چونڊ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو.

(گلاب جو گل پيار جي نشاني آهي ۽ پيار دنيا ۾ شانتي ٿو ڦهلائي.)

2. وِش ڪنيا

جڏهن سڪندر جنگيون ڪٽي يارت اچي پيو، تڏهن هن سان گڏ فلپس نالي سندر ناري هئي. سڪندر هنجي روپ ۾ ڦاسي سڀ ڪجهه ڀلجي ويو هو. پر يونان جي مهان فيلسوف اَرستو کي ناريءَ جي روپ جو ڳجهه سمجهه ۾ اچي ويو هو. هوءَ سچ پچ هڪ وِش ڪنيا هئي. اَرستو سڪندر کي ان ڳالهه کان ساوڌان بہ ڪيو هو. پر سمراٽ ان تي ڌيان ڪونہ ڏنو هو. پر فلپس کي اِهو سڻو ڪونہ لڳو. هوءَ اَرستوءُ سان ناراض ٿي پيئي. بدلي وٺڻ لاءِ هوءَ فيلسوف کي بہ پنهنجي سندر روپ جي جار ۾ ڦاسائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳي. اَرستو بہ هن مٿان اَکين ڇڪن ٿي پيو ۽ هنجي هرهڪ ڳالهه مڃڻ لڳو.

هڪ ڏينهن فلپس، فيلسوف کي گهوڙو ٺاهي لغام وات ۾ وجهي ۽ زين پٺيءَ تي رکي مٿان سوار ٿي ويٺي ۽ چهبوڪ ماري ماري سڄي ڪمري ۾ ڊڪائڻ لڳي. نيڪ اُن وقت اُتي سڪندر اچي ويو ۽ هن جڏهن يونان جي مهان گياني فيلسوف جي اهڙي درگتي ڏٺي، تڏهن هن کي گهڻو عجب لڳو.

سڪندر، اَرستوءَ کان پڇيو، ”هيءُ سڀ ڇا آهي؟“ فيلسوف ڌيرج سان جواب ڏنو، ”جيڪا وِش ڪنيا مون جهڙي فيلسوف کان اهڙو ڪجهه ڪرائي سگهي ٿي تہ تو جهڙي نوجوان نا-آزمودگار کان تہ ان کان وڌيڪ خطرناڪ ڪم ڪرائي بربادي آڻي سگهي ٿي. توکي مون پهرين ئي آگاهہ ڪيو هو پر ان جو ڪو اَثر ڪونہ ٿيندو ڏسي، توکي مان پنهنجو مثال ڏيکاريان ٿو.“

سڪندر پنهنجي گروءَ جي ڳالهہ کي سمجهي ويو ۽ آئيندهہ پاڻ کي سنڀالي ورتائين ۽ فلپس وِش ڪنيا کي ديش نيڪالي ڏيئي ڇڏي.

(سندر ۽ چنچل ناري برباديءَ جو باعث آهن.)

سڪندر سنت جي بي ڊپائي ڏسي ء ڳالهه ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. هنجي هٿ مان تلوار هيٺ ڌرتيءَ تي ڪري پيئي. هن من ۾ چيو تہ سچ پچ جنهن ڪان موت بہ ڊجي ٿو، اُن کي مان ڇا، ساري دنيا جي ڪابہ طاقت ڊيڄاري نٿي سگهي. تلوار اُنهن اِنسانن کي ڊيڄاري ٿي، جيڪي ڪمزور آهن ء موت کان ڊڄن ٿا. بيخوف اِنسان سڀ کان وڏيڪ بهادر ٿين ٿا.

سڪندر سنت جي پيرن تي ڪري معافي ورتي.

(بي خوف اِنسان ئي بهادر آهي.)

4. شينهن جي سکيا

جهنگل جو راجا شينهن شڪار جي تلاش ۾ گهمي رهيو هو. اُن وقت هڪ گڏهه بڪايل شينهن کي للڪاريندي هڪل ڪئي، ”اڇ، وڙهون ۽ ڏسون تہ جهنگل جو راجا ڪير آهي؟ تون يا مان!“

شينهن چپ چاپ اُتان هليو ويو. هن گڏهه جي للڪارڻ ڏي ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو. اها روئداد پري بيٺل هڪ لومڙي ڏسي رهي هئي. هوءَ حيران ٿي ويئي. شينهن تہ هاٿيءَ جي للڪارڻ کان بہ ڪونہ ڊنو آهي. هيءَ گڏهه جي للڪارڻ تي پٺ ڏيکاري ڇو هليو ويو. معاملو ڇا آهي؟

لومڙي شينهن جي پٺيان ويئي. اڳلي موڙ تي هوءَ شير سان گڏي. پڇيائين، ”توهان جهنگل جا سمراٽ آهيو. گڏهه کان ڀڄي ويا؟“

شير چيو، ”تون سچ ٿي چوين. مان گڏهه جي ڪري ئي ڀڄي آيس.

”ڇو؟“ لومڙيءَ پڇيو. شير جواب ڏنو، ”جيڪڏهن گڏهه هارجي وڃي ها تہ اسان لاءِ جيت جو ڪو فائدو ڪونہ هو. ٻيا چوندا جيتيئہ تہ گڏهه کان جيتئين. جيت کان پوءِ بدنامي ٿئي ها. جيڪڏهن گڏهه جيتي ها تہ ٻيا چون ها تہ جهنگل جو راجا گڏهه کان بہ هارائي ويو. ان جو کهڙو ڀروسو؟ پويون لتون هڻي ها ۽ ڪجهہ ٿي پوي ها. جيڪڏهن جيتي ها تہ اسان جي جات بدنام ٿئي ها ۽ هميشه لاءِ شيرن جو ڪنڌ هيٺ جهڪيل هجي ها. اِن ڪري بزرگن چيو آهي تہ ڪڏهن بہ ننڍن سان برابري نہ ڪجي.“

لومڙيءَ شينهن جي سکيا سمجهي تہ ننڍن کان هار جيت جو ڪو مطلب ڪونہ آهي. گياني ننڍڙن جي سامهون ڪونہ پوندو آهي.

(عقلمند انسان بي عقل جي آڏو نہ ايندو.)

3. ننڍڙي پيالي

يونان، جو سنت آگستس هڪ ڏينهن سمنڊ جي ڪناري گهمڻ نڪري ويو. ڪيترن ڏينهن جي اوجاڳي ڪري سنت جون اَکيون ٿڪل هيون. سڄ جي ٻولها ۾ هن سڀ ڪجهه تياڳيو هو. پنهنجو سُک چئن وڃايو هو. ڀڳوان کي پائڻ لاءِ هنکي اها خبر ڪانه هوندي هئي ته ڏينهن ۽ راتيون ڪيئن ٿيون نبري وڃن. شاستر جي شبدن ۽ ويچارن جي بوجهي هيٺان هوُ دٻجي ويو هو.

پر اُن ڏينهن سمنڊ جي ڪناري تي گهمڻ هن لاءِ ڀاڳ پريو ٿيو. ڪناري تي هن هڪ بالڪ بيٺو ڏٺو، جنهن جي هٿ ۾ هڪ ننڍڙي پيالي هئي ۽ چنتا ۾ ٻڏل هو. سنت بالڪ کان پڇيو، ”بالڪ! تون هتي ڇا ٿو ڪرين ۽ ڪهڙي چنتا اَٿيئي؟“

بالڪ سنت طرف ڏٺو ۽ چيائين، ”چنتا ۾ ته توهان به ڏسڻ ۾ ٿا اچو. اِن ڪري پهرين توهان چنتا جو ڪارڻ ٻڌايو. ٿي سگهي ٿو ته توهان کي جيڪا چنتا آهي، اُهائي منهنجي به هجي. پر توهان جي پيالي ڪٿي آهي؟“

سنت کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. بالڪ جي مُنهن مان پيالي جو نالو ٻڌي هن کان کل نڪري ويئي. هن چيو، ”مان سڄ جي ٻولها ۾ آهيان، اِن ڪري چنتا ۾ آهيان.“

بالڪ ٻڌايو ته ”مان هن پياليءَ ۾ سمنڊ ڀري گهر ڪٽي وڃڻ ٿو چاهيان پر سمنڊ پياليءَ ۾ ڀرجي نٿو.“

سنت ٻڌو ته هنکي پنهنجي سمجهه به پياليءَ جيتري ننڍڙي محسوس ٿي ۽ سڄ ساگر وانگر هو ڏاڍو کلڻ لڳو ۽ هن بالڪ کي چيو، ”دوست! سچ پڇ اِسان ٻئي بالڪ ئي آهيون. ڇو ته بالڪ ئي ساگر کي پياليءَ ۾ ڀرڻ چاهيندو آهي. منهنجو گيان تمام ٿورو آهي ۽ سمجهان ٿو ته سڄي سنسار ۾ مان ئي گياني آهيان، اها منهنجي ڀل آهي.

(گيان بي اَنت آهي.)

6. غلام ۽ جاچ

هڪ بادشاهہ ٻہ غلام خريد ڪيا. (هيءَ ڪٿا اُن وقت جي آهي، جڏهن اِنسان جي خريدي ۽ وڪري ٿيندي هئي). هڪ غلام سندر سلونو ۽ ڦاهوڪو هو ۽ ٻيو غلام بدصورت ڪارو.

بادشاهہ جاچ ڪرڻ لاءِ پهرين سندر غلام کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ هن کان ڪجهہ سوال پڇيا ۽ غلام اُنهن جا جواب ڏنا. بادشاهہ کي تسلي ٿي ۽ هن کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو. غلام جي ٻاهر وڃڻ کان پوءِ بادشاهہ بدصورت غلام کي گهرايو ۽ هن جي قابليت ۽ گڻن جي جاچ ڪرڻ لاءِ هن کي چيو، ”توکان اَڳ جيڪو غلام آيو هو، تنهن تنهنجي گهڻي گلا ڪئي. پر توکي ڏسي مونکي هنجي ڳالهين ۾ وشواس ڪونہ ٿو اچي. خير، تون بہ پنهنجي باري ۾ ڪجهہ چئہ.“

غلام بادشاهہ کي چيو، ”بادشاهہ سلامت، پهرين غلام جيڪي ڪجهہ منهنجي باري ۾ توهان کي ٻڌايو، اهو سچ ئي هوندو. ٿي سگهي ٿو، جيڪا غلطي يا گهٽتائي هن مون ۾ ڏٺي آهي، اها مون پاڻ ۾ ڪانہ ڏٺي هوندي. مون کي پاڻ ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي هوندي.“

تنهن تي بادشاهہ چيس، ”مان چاهيان ٿو، تون بہ هنجي اوڻاين ۽ گهٽتاين جي باري ۾ ٻڌاءِ.“

غلام چيو، ”بادشاهہ سلامت! هوُ سچو اِنسان آهي. هن ۾ سادگي ۽ سچائي آهي. هوُ بهادر بہ آهي. هن جهڙو ڀلو اِنسان مون اَڃ تائين ڪونہ ڏٺو آهي.

بادشاهہ کي هنجون ڳالهيون ٻڌي تعجب لڳو ۽ هنکي بہ ٻاهر موڪليو ۽ پاڻ سوچڻ لڳو تہ جيئن ٻئي غلام کي پرکيو آهي، تيئن پهرئين کي بہ ڏسان.

5. ايماندار خليفو

اَبوُ بڪر خليفو ڪپڙي جو واپاري هو. هنجو واپار پري پري ڏورانهن شهرن تائين پکڙيل هو. هوُ ايمانداريءَ سان واپار ڪندو هو.

هڪ ڀيري ڪجهه ڪپڙو ڪنهن ڪارڻ خراب ٿي ويو. هن پنهنجي نوڪر کي سمجهائيندي چيو ته خريدار کي اِهو خراب ڪپڙو ڏيکاري اَڌ ملهه ۾ وڪڻي. پر ڪجهه وقت کان پوءِ نوڪر ڀلجي ويو ۽ اهو خراب ڪپڙو پوري اَگهه ۾ وڪيو.

شام جو مالڪ کي حساب ٻڌائيندي پنهنجي ڀل لاءِ خليفي کان معافي ورتي. خليفي کي ڏک ٿيو ۽ ٻه آدمي اُن خريدار کي ڳولهڻ لاءِ موڪليا. خبر پئي ته خريدار ٻئي ڀرسان واري وڏي شهر طرف ويل آهي.

خليفو خود هڪ تيز اُٺ تي چڙهي اُن طرف روانو ٿيو. هن کي خريدار اَڌ رستي ۾ ئي ملي ويو. خليفي هن کي اَڌ رقم ڏيئي معافي ورتي. خريدار چيس، ”توهان تڪليف ڪري ايترو پري ڇو آيا؟ اها غلطي ته اَڻ ڄاڻائيءَ ۾ ٿي آهي.“

خليفي جواب ۾ چيو، ”جي مان اِها تڪليف نه وٺان ها ته پنهنجي ايمان کان پري ٿيان ها. پنهنجي ايمان جي ڀرسان رهندو اچان، اِن ڪري اِهو فاصلو وڏو ڪونهي.

(ايمانداري، سُکي زندگي گذارڻ جو سنو ۽ سؤلو وسيلو آهي.)

7. ڪپڙا

هڪ ڏينهن اَبُوُ حسن وٽ هڪ ماڻهو آيو ۽ چيائينس، ”او پرماتما جا پيارا درويش! مان پنهنجي پاپي جيوَن کان ٻڏجان تو ۽ پاڻ کي بدلڻ جو پڪو اِرادو ڪري آيو آهيان. ڇا توهان منهنجي مٿان مهر ڪندا؟ توهان پنهنجا پاڻل پاڪ ڪپڙا مونکي ڏيندا؟ مان بہ اُهي پائي سنياسي ٿيڻ تو چاهيان.“ چئي هوُ درويش جي پيرن تي ڪِرِي پيو ۽ روئي روئي ڳوڙهن سان هنجا پير ڌوئي ڇڏيا. هنجي وشواس ۽ سچائيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونہ هو.

درويش هن کي اُٿاري چيو، ”دوست! مان پنهنجا ڪپڙا ڏيڻ کان اَڳ توکان سوال تو پڇان. تون جواب ڏيڻ جي ڪرپا ڪر.“

هوُ درويش طرف ڏسڻ لڳو.

”ڇا مرد جا ڪپڙا پائي ڪابہ عورت مرد ٿِي سگهي ٿِي؟ يا ڪو مرد، عورت جا ڪپڙا پائي، عورت ٿِي سگهي تو؟“

ماڻهوءَ پنهنجا ڳوڙها اُگهي چيو، ”نہ، قبلا.“

تڏهن درويش کلندي چيو، ”هيءُ آهن منهنجا ڪپڙا. جي اهي تون تنهنجي بدن تي پائيندين تہ ڇا تون سنياسي ٿِي پوندين؟....“

”سنياسيءَ جا ڪپڙا پائي ڪوبہ سنياسي ڪونہ ٿيو آهي.“

ماڻهو سمجهي ويو تہ من، وچن ۽ ڪرم سان سٺا ڪم ڪرڻ سان ئِي منش سنياسي جيوَن گذاري سگهي تو.

(ساڌوءَ جهڙا ويس پائڻ سان ڪوبہ ساڌو ڪونہ تو ٿئي.)

هن پهرئين غلام کي وري پاڻ وٽ گهرايو ۽ چيائينس، ”هينئر جو غلام ٻاهر ويو آهي، اُنهيءَ تنهنجي گهڻي برائي ڪئي. جي هن جي ڳالهين تي وشواس ڪريان ته توکي هِن وقت ئي محل کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيان.“

اِهو ٻڌي غلام کي چِڙ اچي ويئي. بادشاهه کي چيائين، ”حضور! هن بدصورت غلام جيڪي ڪجهه منهنجي باري ۾ چيو آهي، اُهو بلڪل ڪوڙ آهي. هنکي ڀلي بري جي تميز ئي ڪانه آهي ۽ بنا سوچي چوندو هوندو.“

آخر ۾ هنجون ڳالهيون ٻڌي بادشاهه غلام کي چيو، ”هنجو فقط رنگ روپ ئي بدصورت آهي پر تنهنجو ته من ئي بدصورت آهي. اَڄ کان وني تون هنجو غلام ٿي رهندين.“

اِهو ٻڌي سندر غلام سمجهي ويو ته بادشاهه اسان ٻنهي جي جاچ ڪري رهيو هو، جنهن ۾ هوُ خود هارجي ويو آهي. هن غلامي سويڪار ڪئي ۽ بادشاهه کان معافي گهري.

سندر ۽ موهيندڙ روپ هوندي به جيڪڏهن اِنسان ۾ اوگڻ آهن ته هنکي عزت ڪانه ملندي آهي. پر جيڪڏهن روپ سندر ڪونهي ۽ گڻ سٺا آهن ته اُن اِنسان کي هميشه عزت ۽ سمان ملندو رهندو آهي.

(صورت کان سيرت سهڻي ۽ سٺي آهي.)

ڻي ويو آهي. توهان ئي ٻڌايو تہ جتي اَنڌڪار آهي، اُتي سُئي ڪيئن ملندي؟ ٻاهر ٿوري روشني آهي، اُتي ئي ڳولهي رهي آهيان.“

ماڻهن چيس، ”پر جتي گم ٿي نہ ٿي آهي، اُتي ڪيتري نہ ڳولها ڪجي، تہ بہ نہ ملندي. روشني ڇا ڪندي؟“

رابيا چيو، ”تہ هاڻي مان ڇا ڪريان؟ توهان ئي ٻڌايو.“

هڪ چيو، ”پاڙي مان لالٽين وٺي اَندر ڳولهہ.“

رابيا خوب کلڻ لڳي. چيائين، ”نہ سُئي ئي گم ٿي آهي ۽ نہ مان ڳولها ٿي ڪيان. مان تہ فقط توهان کي ياد ٿي ڏياريان تہ جي توهانجي اَندر روشني ڪانہ آهي تہ آس پاس ڪنهن کان روشني وٺو ۽ پنهنجي اَندر ڳولها ڪيو. ڇاڪاڻ تہ جنهن سُک کي توهان وڃايو آهي، اُن کي ٻاهر نہ ڳولهيو، پنهنجي اَندر ڳولهيو. اهو توهان کي اَندر ئي ملندو. جي اَندر اَنڌيرو اَٿوَ تہ مون وٽ اچو، مان توهان کي پرڪاش ڏيندس. مون کي توهان پاڳل ٿا چئو، مان توهان کي پاڳل ٿي سمجهان. اَري! اڻڄاڻ اِنسان! توهان ٻاهر هن کي ڳولهي رهيا آهيو، جيڪو توهانجي اَندر آهي اِن ڪارڻ کوج ڪري رهيا آهيو، جيڪو مون توهان کي ٻڌايو. جتي اَنڌيرو آهي، اُتي چراغ ٻاريندا، تڏهن توهان کي اَندر ڇپيل سنتوش روپي سُک ملندو. اچا تہ توهان مون وانگر ٻاهر سُک جي تلاش ٿا ڪيو.“

سيپئي رابيا جي ڳالهہ کي سمجهي ويا. هوُ رابيا کي سلام ڪري پنهنجي پنهنجي رستي هليا ويا.

(سچ کي ٻاهر ڳولهڻ بدران من اَندر تلاش ڪرڻ گهرجي.)

8. سُئيءَ جي ڳولها

بڍي فقير رابيا هڪ ڏينهن شام جو پنهنجي دروازي وٽ ڪجهه ڳولهڻ لڳي. پاڙيسري ڪنا تي ويا. پڇيائونس، ”رابيا! ڇا تي ڳولهين؟“

هن چيو، ”سبڻ جي سُئي تي ڳولهيان، هتي ڪِري پيئي آهي.“

ماڻهن سوچيو، ”بڍي عورت آهي، اکيون ڪمزور اٿس. هوُ بہ سُئي ڳولهڻ لڳا. اُنهن مان هڪ سياڻي رابيا کان پڇيو، ”شام ٿي ويئي آهي ۽ چڱيءَ طرح ٻڌاءِ تہ سُئي ڪهڙيءَ جڳهہ تي ڪِري آهي تہ اُتي ڳولهجي. ننڍي شيءِ وڏي رستي تي ڪيئن ملي سگهندي؟“

رابيا ٻڌاين، ”سُئي تہ منهنجي گهر ۾ ڪِري آهي.“

پاڙيسرين چيس، ”پاڳل عورت! شڪ تہ اسان کي اڳ ۾ ئي هو تہ تون پاڳل آهين.“

فقير پاڳل ٿيندا آهن، اِهو شڪ سدا ماڻهن کي ٿيندو آهي يا سنت پاڳل يا ماڻهو پاڳل؟ ٻنهي مان هڪ کي پاڳل ٿيڻ گهرجي ۽ ٻئي کي سمجهدار. ٻنهي جي ياترا اَلڳ آهي. جيڪو دؤلت پوئٽان ديوانو آهي، اُهو سنت کي پاڳل سمجهندو ۽ سچ پڇ، جيڪو ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم تو ڪري، اُهو ڌن جي ديواني کي پاڳل سمجهندو.

رابيا سمجهندي هئي تہ پاڙيسري پاڳل آهن ۽ پاڙيسري رابيا کي پاڳل سمجهندا هئا. ”جي سُئي گهر اَندر ڪِريل هئي تہ ٻاهر ڇو ملندي؟ تون خود مورک آهين ۽ اسان کي بہ تون مورک ٿي ڄاڻين.“ رابيا چيو، ”سُئي گهر اَندر ڪِري آهي. پر مان غريب عؤرت آهيان. مون وٽ ڏيئو ڪونهي. گهر اَندر اَنڌڪار

10. لائوتج جو اِنصاف

لائوتج بيحد بڌيمان ۽ اِنصاف پسند اِنسان هو. هڪ ڏينهن راجا هنکي گهرائي چيو، ”تون پنهنجي اِنصاف ڪري گهڻو مشهور آهين. اِن ڪري منهنجي مرضي آهي تہ تون هتي جج جي روپ ۾ ڪم ڪرين تہ سٺو.“ لائوتج چيو، ”توهان هڪ ڏينهن لاءِ مونکي اِنصاف ڪرڻ جو اَڌڪار ڏيو. جي توهان منهنجي اِنصاف ڪرڻ جي طريقي کي سٺو سمجهيو تہ جيئن چوندا، اُهو منظور آهي.“ راجا ’ها‘ ڪيس.

ٻئي ڏينهن لائوتج جي سامهون هڪ چور کي سپاهي وٺي آيا. هن هڪ ڌنوان زميندار جو ڌن چورايو هو. سڀني کي خبر هئي تہ ڌنوان زميندار بيحد ظالم ۽ اَتياچاري آهي. لائوتج چڱيءَ طرح معاملي کي ٻڌو ۽ پنهنجو فيصلو ٻڌايو-

”چور ۽ زميندار کي ڇهن ڇهن مهينن جي جيل جي سزا ڏني وڃي.“

راجا ۽ ويٺل درٻاري فيصلو ٻڌي تعجب ۾ پئجي ويا. زميندار چيو، ”توهان هي ڇا چئي رهيا آهيو؟ هن چور منهنجي گهر ۾ چوري ڪئي آهي. سزا تہ چور کي ملڻ گهرجي. توهان مون کي ڇو سزا ٿا ڏيو؟ هيءُ ڪهڙو اِنصاف آهي؟“

لائوتج، زميندار کي چيو، ”جيڪڏهن مان توکي سزا نٿو ڏيان تہ چور سان اِنصاف ڪونہ ٿيندو. اجا توکي چور کان وڏيڪ سزا ملڻ گهرجي. تو ٻين جي مجبوريءَ جو فائدو وٺي ضرورت کان وڌيڪ دؤلت ميڙي آهي. تون غريبن جي زمين جائداد گروي ٿو رکين ۽ پئسن ملڻ کان پوءِ هنن کي واپس ڏيڻ جي مرضي ڪانہ ٿو رکين. تو اهڙن ماڻهن کي، هنن جي پنهنجي

9. جُوتن جو رواج

چين جو هڪ راجا پنهنجي راجڪماريءَ کي گهڻو گهرندو هو. سدائين هُن کي ڏيءَ جي چنتا لڳي رهندي هئي. هوُ راجڪماريءَ کي هڪ پل لاءِ به اکين کان پري ڪونه ڪندو هو. هن جو محل سخت پهري ۾ هو ۽ هن کي ٻاهر وڃڻ ڪونه ڏيندو هو. اِن ڪري محلات کان ٻاهر جي ماحول کان هوءَ بلڪل بيخبر هئي.

هڪ ڏينهن راجا کي چيائين ته هوءَ ٻاهر شهر گهمڻ تي چاهي. راجا اِنڪار ڪيس ته هوءَ رُسي ويئي. راجا کي چنتا لڳي. سوچيائين، گُل جي مُکڙي سمان ڪومل راجڪماري سدا نرم گديلن تي هلڻ واري ڪيئن ڪَنڊن ڀريل پٿريلي زمين تي اُگهاڙي پير گهمندي. اُن وقت نه پڪيون سڙڪون هيون ۽ نه صاف رستا.

جڏهن راجڪماريءَ پنهنجو ضد نه ڇڏيو، تڏهن راجا وزير کي حڪم ڏنو ته شهر جي رستن تي چمڙي جي چادر وڇائي وڃي ته جيئن راجڪماريءَ جي پيرن کي ڪَنڊن ۽ پٿرن کان بچائي سگهجي.

وزير سياڻو هو. هن راجا کي چيو ته سڙڪ مٿان چمڙي جي چادر وڇائڻ بدران راجڪماريءَ جي پيرن ۾ چمڙو پاتو وڃي ته راجڪماريءَ جا پير به سلامت رهندا ۽ ڪم به سولو ٿي پوندو.

ڳالهه سؤلي هئي. اُن ۾ وزن هو. سڄي دنيا کي بدلجڻ بدران پاڻ کي بدلجڻ سولو آهي.

راجڪماريءَ چمڙي جا جوتا پاتا ۽ بنا ڪنهن رنڊڪ جي شهر ۾ گهمي آئي ۽ ڏاڍيو خوش ٿي.

چون ٿا، تڏهن کان جوتن پائڻ جو رواج چالو ٿيو.

(ضرورت نئين کوج کي جنم ڏئي ٿي.)

11. من جي مايا

ڪنفيوشس چين جو مهان گياني سنت هو. هڪ ڏينهن هن وٽ هڪ جگياسو آيو ۽ چيائينس، ”شريمان، مان من کي جيتي، اُن مٿان پنهنجو اَڌڪار ڪرڻ ٿو چاهيان. مون گهڻيئي ڪوششون ڪيون پر سڦل ڪونہ ٿيو آهيان. توهان مهان گياني ساڌڪ آهيو، توهان مون کي ڪوئي رستو ٻڌايو.“

ڪنفيوشس هنجي ڳالهہ ٻڌي مشڪيو ۽ چيائينس، ”دوست، اهڙي ننڍڙي ڳالهہ لاءِ توهان ايتري تڪليف ڪئي آهي. خير، توهان ٻڌايو تہ توهان ٻڌندا ڪنهن سان آهيو؟“

جگياسوءَ جواب ڏنو، ”مان ڪَنن سان ٻڌندو آهيان.“

”توهان ڏسندا ڪنهن سان آهيو؟“ سنت ٻيو سوال ڪيو.

”پنهنجي اَکين سان.“ جگياسوءَ جواب ڏنو.

ڪنفيوشس چيس، ”مونکي وشواس ڪونہ ٿو ٿئي تہ توهان ڪَنن سان ٻڌو ٿا ۽ اَکين سان ڏسو ٿا. اِهي ٻئي ڪم تہ توهان من سان ٿا ڪريو. جنهن جو جيڪو ڪم آهي، اُهو اُنهن کي ڪرڻ ڏيو. هيءُ من شانت ٿي ويندو.“

”ڪيئن؟“ جگياسوءَ سوال ڪيو.

”ڪَنن جو ڪم ٻڌڻ آهي پر سٺو ۽ خراب سمجهڻ من جو ڪم آهي. ڪَن رڳو ٻڌڻ جو ڪم ٿا ڪن، باقي سٺو ۽ خراب سوچڻ من ٿو ڪري. لفظن اَنوسار- ان ڪري لفظن کي ٻڌو. اهڙيءَ طرح اَکيون فقط ڏسڻ جو ڪم ٿيون ڪن پر من سندر ۽ خراب ٿو ٻڌائي. ڪوبہ لفظ يا روپ سٺو يا خراب نٿو ٿئي. سٺو يا خراب تہ من آهي. اِن ڪري من جو ڪم من کي ڪرڻ ڏيو

دولت کان محروم ڪيو آهي. اِنسان بک تا مرن ۽ تون دولت ميڙڻ جي حوَس نٿو ڇڏي سگهين. تنهنجي لالچ ڪارڻ اهڙا چور پيدا ٿا ٿين. پنهنجي گهر جي چوريءَ لاءِ تون ئي جوابدار آهين. تون هن چور کان وڌيڪ گنهگار آهين. هن کي هنجي گناهه جي سزا تہ ملندي پر توکي بہ جيل وڃڻو پوندو.“

راجا ۽ درٻارين لائوتيج جي اِنصاف جي ساراهہ ڪئي ۽ راجا هنجي اِنصاف ڪرڻ جي طريقي کي ڏسي خوش ٿيو ۽ هنکي ديش جي جج جي جڳهہ تي مقرر ڪيو.

(اِنصاف پسند اِنسان کي سڀ چاهيندا آهن.)

12. بکاريءَ جو اِنعام

هڪ بکاريءَ کي بازار ۾ هڪ چمڙي جو ٻٽئون مليو. هن کولي ڏٺو ته اُن ۾ هڪ سؤ سونيون اشرفيون هيون. اُن وقت تورو پريان هن هڪ سؤداگر کي واڪا ڪندي ٻڌو، ”منهنجو گم ٿيل ٻٽئون جيڪو ڳولهي ڏيندو، اُن کي اِنعام ڏيندس.“

ايماندار بکاري ٻٽئون سؤداگر کي موٽائي اِنعام گُهريو. ”انعام....؟“ سؤداگر آڪڙجي چيس. ”هن ۾ ٻه سؤ سونيون اشرفيون هيون. تو هڪ سؤ اشرفيون چورايون آهن، تڏهن ٻه اِنعام تو گُهرين؟ هليو وڃ، نه ته ته سپاهين کي تو سڏ ڪيان.“

ايتري ايمانداريءِ ڏيکاريندي به ڪُوڙو اِلزام هن کان سَٺو نه ويو. چيائينس، ”مون چوري ڪانه ڪئي آهي. مان عدالت هلڻ لاءِ تيار آهيان.“

عدالت ۾ قاضيءَ ٻنهي جا بيان ورتا ۽ چيائين، ”مونکي توهان ٻنهي مٿان وشواس آهي.“

هن سؤداگر کي چيو، ”تون چئين ٿو ته تنهنجي ٻٽئون ۾ ٻه سؤ اشرفيون هيون. پر بکاريءَ کي جيڪو ٻٽئون مليو آهي، اُن ۾ فقط هڪ سؤئي اشرفيون آهن. اِن جو مطلب ته هيءُ ٻٽئون تنهنجو ڪونه آهي. جاڪاڻ ته ان جو ڪو ٻيو دعويدار ڪونه آهي اِن ڪري اَڌ اشرفيون سرڪاري خزاني ۾ جمع ٿو ڪرايان ۽ اَڌ اَشرفيون بکاريءَ کي اِنعام طور ٿو ڏيان.“

بي ايمان سؤداگر هٿ مَلندي رهجي ويو. قاضيءَ جي اِنصاف ڪري بکاريءَ کي ايمانداريءَ جو اِنعام مليو.

(بي ايمانيءِ ۽ دوکو سدا دک جو ڪارڻ ٿيندو.)

۽ حواس کي حواس جو. ٻنهي جي ڪمن کي ملائي ڪم ڪونه ڪر. اِئين ڪرڻ سان تون من تي ضابطو رکي سگهندين.

جگياسوُ سنت جي ڳالهه سمجهي چيو، ”هاڻي مان پنهنجي سوچ کي نيڪ ڪندس.“

سنت چيس، ”سوچ نيڪ هئڻ ڪري دنيا جو نظريو بدلجي ويندو آهي.“

(سچي سوچ هئڻ ڪري من اَندر دنيا لاءِ نظريو بدلجندو.)

14. سڀ کان وڏو ڪم

عراق ملڪ جو بادشاهہ هارون اِنصاف پسند اِنسان هو. هڪ ڏينهن هنجي پٽ ڪي، هڪ وزير جي پٽ ڪنهن ڳالهہ ڪري گهٽ وڌ ڳالهايو. شهزادي ڪي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اچي بادشاهہ کي دانهن ڏنائين.

بادشاهہ دربار ۾ اِهو مسئلو رکيو ۽ درٻارين کان پڇيو تہ وزير زادي سان ڪهڙي هلت هلجي، جيئن اِنصاف ٿئي.

هڪ چيو تہ وزيرزادي جي جِڀ ڪَپائي ڇڏجي. ٻئي چيو تہ ديش نيڪالي ڏجيس تہ وري ڪنهن چيو تہ هنجو سر ڌڙ کان ڌار ڪرائجي. هرهڪ جي اَلڳ اَلڳ راءِ هئي پر سيني وزيرزادي کي سزا ڏيڻ پئي چاهي. آخر بادشاهہ پنهنجي پٽ شهزادي کان پڇيو، ”تو سيني جي راءِ ٻڌي، هاڻي پنهنجي راءِ ڏي. تون ڇا ٿو چاهين؟“

شهزادي حليمائيءَ سان چيو، ”جيئن توهان کي سٺو سمجهہ ۾ اچي.“

بادشاهہ چيو، ”سڀ کان وڏو مشڪل ڪم آهي معاف ڪرڻ. اِهو ڪم ڪيول بهادر اِنسان ئي ڪري سگهندو آهي.... ڇا تون ايترو بهادر آهين، جو هن کي معاف ڪري سگهين؟ ۽ جي نہ، تہ تون بہ اهوئي ڪر، جهڙو هن توسان ڪيو آهي.“

شهزادي چيو، ”مان بہ توهان وانگر بهادر آهيان. مان وزير زادي کي خراب هلت هلڻ تي معاف ٿو ڪريان.“

(معاف ڪرڻ سڀ کان وڏو ڳڻ آهي. نفرت کي پيار سان هارائي سگهجي ٿو.)

13. پنج روٽيون

هڪ دفعي عيسيٰ مسيح پنهنجي ششن سان گڏ ڌرم پرچار لاءِ ياترا ڪري رهيو هو. رستي ۾ ريگستان هو. ڪوبه مڪان ڏسڻ ۾ ڪونه پئي آيو. يوحنا جي ڪنڌيءَ سامهون هئي. عيسيٰ چيو، ”توهان وٽ جو ڪجهه کائڻ جو هجي، گڏ ڪري ونڊي ورهائي کائو.“

ششن وٽ پنج روٽيون ۽ سبزيءَ جا ٻه ٽڪر هئا. سڀني پيٽ ڀري کاڌو ۽ سامهون آيل فقير کي به کارايو. سڀني کي سنتوش ٿيو.

اِهو ڏسي سوليمن نالي شش پڇيو، ”گرديوَ! ڪهڙو راز آهي جو ٿورين روٽين هوندي به سڀني جو پيٽ ڀرجي ويو ۽ سڀني کي سنتوش ٿيو؟“

عيسيٰ چيس ته ڌرماتما اُهو اِنسان آهي، جو فقط پنهنجي لاءِ نه پر سڀني لاءِ ٿو سوچي. ”پنهنجي شيءِ سڀني لاءِ ڪم اچي“ اهڙي سوچ ڪري توهان جون پنج روٽيون ۽ ٿوري سبزي به ڪانه کُٽي ۽ سڀني جو پيٽ ڀرجي ويو. پر جو اِنسان فقط جوڙي جوڙي ڪٺو ڪندو رهندو آهي، اُهو سدائين بکيو ئي رهندو. جنهن ڏيڻ سکيو آهي، ان لاءِ سنتوش جا وسيلا پنهنجو پاڻ پيدا ٿيندا رهندا آهن.“

ٻُڌي ششن پڪو اِرادو ڪيو ته هڪ ئي روٽي هوندي ته به وَنڊي ورهائي کائيندا سين.

(وَنڊي ورهائي ڪم ڪرڻ سان سُک ملندو.)

پئي ڏنو ۽ نماز عطا ڪندي مان اَلله جي بندگيءَ ۾ هوس ۽ پنهنجي شرير جو مونکي ڪوبہ خيال ڪونہ هو. منهنجي سچي لگن بندگيءَ ۾ لڳل هئي.''

حڪيم سلام ڪندي چيو تہ ''سچي لگن سان ڪيل پرارٿنا سچي بندگي آهي.''

(من سان ڪيل پرارٿنا يا پاٺ پوڄا يا بندگي دنيا جا سڀ ڏک دور ڪري ٿي.)

15. سچي لگن

هڪ درويش شهر ۾ تنبورو وڄائيندو موڄ ۾ گھمي رهيو هو. اوچتو پير ۾ هڪ ڪوڪو ٿنبجي ويس. سور ڪري دانهن نڪري ويس ۽ اُتي ئي رستي تي ويهي رهيو. پير مان رت وَهي رهيو هوس. سندس چوڌاري ڀيڙ ڪَٺي ٿي ويئي. هڪ ڄڻو حڪيم کي وني آيو. حڪيم جڏهن پير کي هٿ لاتو ته درويش کان وري دانهن نڪتي. حڪيم حليمائيءَ سان چيس، ”قبلا! مان اجا ڪوڪي کي هٿ به ڪونه لاتو آهي ته توهان ايترو سور ٿا محسوس ڪيو. پير مان ڪوڪو ڪڍندس، تڏهن ئي پٽي ٻڌي سگھندس. توهان دل کي مضبوط ڪيو ته مان ڪوڪو ڪڍي ڇڏيان.“ درويش چيس، ”ان وقت من مضبوط ڪرڻ مشڪل آهي.“

”ڪوڪو ڪڍڻ کان سواءِ ٻيو رستو ڪونهي.“ حڪيم ٻڌايو. اُن وقت ڀرسان بيٺل هڪ مُريد حڪيم کي عرض ڪيو، ”توهان چار بجي اچي ڪوڪو ڪڍجو.“

حڪيم کي تعجب لڳو. سوچيائين، ”جيڪو شخص هٿ لاهڻ نٿو ڏئي، اُهو نماز ڪيئن عطا ڪندو؟“

مريد اَڳتي ٻڌايس ته ”مرشد جڏهن خدا تعاليٰ جي بندگيءَ ۾ هوندو، تڏهن ڪوڪو ڪڍي ڇڏجو.“

حڪيم اِئين ئي ڪيو. درويش اُف به ڪانه ڪئي. نماز عطا ڪرڻ کان پوءِ درويش بس ايترو ئي پڇيو، ”ڇا ڪوڪو نڪري ويو؟“

حڪيم ان ڳالھ جو راز ڄاڻڻ چاهيو. درويش ٻڌايس، ”مان ڀرين پنهنجي شرير ۾ هوس، اِن ڪري شرير مون کي ايذاءُ

جڏهن بادشاهه چيو، ”مان دوزخي آهيان يا جَنتي؟“ تڏهن سنت سوال ڪيو، ”ڪو اهڙو موقعو توهان کي ياد آهي، جڏهن توهان اَلله جي ڀوَ کان گناهه ڪرڻ کان پاڻ کي روڪيو هجي؟“

”ها. اهڙا ڪيترائي موقعا آيا آهن.“ بادشاهه ٻڌايو.

سنت فيصلو ٻڌايو ته بادشاهه جَنتي (سرڳ ۾ وڃڻ لائق) آهي.

فيصلو ٻڌي سڀئي درٻاري عجب ۾ پئجي ويا. هنن سنت کان پڇيو، ”پنهنجي فيصلي جي سچائيءَ جو ڪارڻ ٻڌايو.“

صوفي سنت چيو، ”جيڪو اِنسان گناهه جي رستي تي آهي پر اَلله جي ڀوَ ڪري گناهه نٿو ڪري، اُن شخص جو گهر جَنت آهي.“

اهڙي فتويٰ ٻڌي سڀني ساراهه ڪئي ۽ اُن کي سويڪار ڪيو. بيگم به بادشاهه کان معافي ورتي.

(ايشوَر کان ڊڄي ڪوبه برو ڪم ڪونه ڪري سگهبو.)

16. سرڳ لاءِ دعويدار

هڪ دفعي هڪ بادشاهه ۽ سندس بيگم جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهه تي بحث شروع ٿيو. بحث ايترو وڌي ويو، جو ڪروڌ ۾ اچي بيگم بادشاهه کي چيو، ”تون نرڳ ۾ ويندين.“

بادشاهه کي اِها ڳالهه چڀي ويئي. هن به غصي ۾ چيس، ”جيڪڏهن مان نرڳ واسي ٿيندس ته اَڄ ئي مان توکي طلاق ٿو ڏيان.“

ٿوري وقت ۾ بادشاهه جو غصو شانت ٿيو.

هاڻي هوُ سوچي پڇتائڻ لڳو ته ڇاڪاڻ مان نرڳ واسي آهيان، تڏهن ئي ته بيگم کي طلاق ٿو ڏيان ۽ طلاق نه ڏيان ته مان نرڳ واسي نه آهيان.

ٻئي ڏينهن بادشاهه دربار گهرائي. اِن ڳالهه جو فيصلو ڪرڻ لاءِ چيو ته هوُ دوزخي آهي يا جَنَتي (سرڳ ۾ وڃڻ لائق). بادشاهه جا اِهي الفاظ ٻڌي درباري ٽپرس ۾ پئجي ويا.

بادشاهه دربار ۾ ويٺل صوفي سنت اِمام شغي کي عرض ڪيو. هن بادشاهه کان پڇيو، ”توهان اِهو ٻڌايو ته توهان کي منهنجي ضرورت آهي يا مونکي توهانجي؟“

”بيشڪ مونکي توهانجي ضرورت آهي.“ بادشاهه چيو.

سنت چيو، ”هڪدم توهان تخت تان هيٺ لهي اچو.“ بادشاهه حڪم مڃي تخت تان هيٺ لهي آيو ۽ عزت سان سنت کي تخت تي وهاريو.

”هاڻي پنهنجي اُلجهن ٻڌايو.“ سنت حڪم ڏنو.

18. وڏي عمر لاءِ منتر

قديم زماني ۾ آڪياب نالي شهر ۾ جنتا سکي ستابي هئي. پينگُج نالي راجا راڄ ڪندو هو. پنهنجي ديا ۽ بهادريءَ ڪري چئني طرف مشهور هو. وقت اَنوسار راجا ٻڍو ٿي ويو. هنکي پنهنجي راڄ ۽ پرجا جي چنتا لڳي ويئي. هڪ ڏينهن پنهنجي وزير کي گهرائي چيائين، ”هاڻي آڪباب راڄ ڪيئن هلندو؟“

”ٻه ٻه راجڪمار آهن، چنتا ڇا لاءِ؟“ وزير چيو.

”توکي خبر آهي، ٻئي راجڪمار لاپرواهه ۽ آلسي آهن.“

”توهان فڪر نه ڪريو. وقت اَنوسار هوُ سنئين رستي تي اچي ويندا.“

منتريءَ جي چوڻ تي به راجا جي چنتا ڪونه ويئي. اجا به ڏينهن رات چنتا وڌندي ويس ۽ اُن ۾ هوُ مري ويو. هن جي مرڻ کان پوءِ وڏي راجڪمار سانگوُ کي راجا بڻايو ويو. راجا سانگوُ ڏينهن رات عيش عشرت ۾ رهيو ۽ اُن جو ناجائز فائدو چالاڪ درٻاري وٺندا رهيا. ڍيري ڍيري خزانو ختم ٿيندو ويو. راجمحل ويران ٿي ويو. سينا ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي ويئي. پهرين وارو شان شوڪت ڪونه رهيو. ٻڍو وزير به گذاري ويو. چالاڪ درٻاري اجا وڌيڪ مست ٿي ويا. نوڪرن کي به لالچ ٿي پيئي. هڪ ڏينهن راجا سانگوءَ جي ڀوڄن ۾ زهر ملائي کارايو ويو. راجا جي طبعيت خراب ٿي پيئي. راڄ وئديه آيو. تپاسي ڏنائين ته زهر جو اَثر هو. جڙيون ٻوٽيون راجا کي کارايون ويون. ڪمري کان ٻاهر اچي وئديه رسوين کان پڇا ڳاڇا ڪئي. هوُ سياڻا هئا. هنن هيرا موتي وئديه کي ڏنا. هوُ به چپ ٿي ويو. پورو علاج ڪونه ڪيائين. راجا سانگوُ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گذاري ويو. راڄ محل ۾ ڪهرام مچي ويو. سانگوءَ جو پٽ اُن وقت فقط ڏهن سالن جو هو. هوُ زور سان روئي رهيو هو. مهاراڻي ٿي ڏينهن ساندهه

17. ديپڪ جي روشني

ميامار جو هڪ راجا وڏو گياني پرش هو. هڪ دفعي هن وٽ گهمندي گهمندي هڪ ڀڪشڪ آيو ۽ راجا کي چيو، ”مهاراج! مان ورهين کان جپ تپ تہ ڪريان پر اَڄ تائين مونکي گيان ڪونہ مليو آهي. پر راڄ ڀوڳ ڪندي بہ توهان کي گيان مليِ ويو آهي. اِن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟“

راجا چيس، ”وقت اچڻ تي مان ان جو ڪارڻ ٻڌائيندوسانءِ. هاڻي تون هيءُ ٻرندڙ ديپڪ کڻي محل اَندر وڃ ۽ پنهنجي پسند جون شيون کڻي اچ پر ڌيان ساں، جيئن ديپڪ وسامي نہ وڃي، نہ تہ توکي سزا ملندي.“

ڀڪشوُ راجا جي محل مان گهمي واپس آيو. راجا پڇيس، ”ڪهڙي شيءِ پسند آيئہ؟“

”راجن، مان قسمت وارو آهيان جو توهان مون لاءِ محل جا سڀ دروازا کولي ڇڏيا آهن. پر قسمين قسمين طعام، سندر ناريون، ناچ گانن وغيره منهنجي من ۾ ڪجهہ بہ محسوس ڪونہ ڪرايو. ڇاڪاڻ تہ لڳاتار مان ٻرندڙ ديپڪ کي پيو ڏسان تہ متان وسامي نہ وڃي.“

ڀڪشوءَ جي ڳالهہ ٻڌي راجا چيس، ”بس اِهوئي سبب آهي جو مان راجا هوندي بہ راڄ جي ڳالهين کان آجو آهيان. منهنجو سڄو ڌيان پرجا جي سُک ۽ پرماتما جي پرارٿنا ۾ لڳل تہ رهي.“

(ايشوَر ڀڳتي ڪندي ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ کي دنيا جي وِلاسنا جو ڪوبہ اَثر بدڪار ڪونہ بڻائي سگهندو.)

آشرم ۾ آيو. نمسڪار ڪري چيائين، ”مهرشي! توهان مهان آهيو. درٻارين ڪي هارائڻ لاءِ ڪو اُپاءُ ٻڌايو.“

”اُپاءُ تہ آهي راجن، بس ٻڌائڻ ۾ ٿوري هچڪ ٿي ٿئي. متان توهان ناراض ٿي پئو.“ رشيءَ پنهنجي شنڪا ٻڌائي.

”توهان ٻڌايو تہ مان واعدو ٿو ڪريان تہ آڪياب راڄ ڪي بچائڻ لاءِ توهان جي هرهڪ اُپاءَ ڪي مڃيندس.“ راجا چيو ”تہ ٻڌو! توهان ڪي سٺ ورهين جي عمر ۾ راڄگدي ڇڏڻي پوندي. توهان جو وارث راڄگديءَ تي ويهندو. توهان جي مرضي نہ هوندي بہ پنهنجو راڄ راڄڪمار کي ڏيئي ڇڏجو.“

”پر مهاتما مان سٺ ورهيہ جيئرو رهندس؟“ هاٿي تہ جانِ خطري ۾ آهي.“

”توهان چنتا نہ ڪيو. راڄ ۾ پڙهو گهمايو تہ راجا جي مرڻ تي راجا جا خاص درٻاري، وزير، رسوئيا، راڄ وئديہ ۽ سيناپتي راجا سان گڏ چتا ۾ جلايا ويندا.“

”ليڪن مهاراڄ!“

”راجا! چنتا نہ ڪريو.“ رشي اڳتي چوندو هليو، ”اِن پڙهي ڪري هرهڪ درٻاري توهان جي صحت جي بچاءَ ۾ لڳو رهندو. ڇاڪاڻ تہ توهان جو جيئڻ مرڻ، اُنهن جو جيئڻ مرڻ آهي.“

رشيءَ جي صلاح موجب راجا آڪياب ۾ اهڙو ئي پڙهو گهمايو. درٻارين ۾ وائويلا مچي ويئي. هر ڪوئي راجا جي شيوا ۾ لڳي ويو. راجا ڪمبوُ سٺ ورهين جي عمر ۾ راڄگدي ڇڏي ۽ پنهنجي پٽ کي راجا ٺاهيو ۽ اِها پرمپرا هلندي رهي

جون ٿا تہ اڄ تائين هن رشيءَ جي پوڄا آڪياب ۾ ٿيندي آهي.

(سمجهداري ۽ آتم وشواس سان اِنسان پنهنجي پنهنجي منزل تي ٿو پهچي.)

بيهوش رهي. تڏهن سانگوءَ جي ننڍي ياءُ ڪانجيءَ کي راڄگديءَ تي وهاريو ويو.

شهر کان پري جهنگل ۾ هڪ رشي رهندو هو. هن کي جڏهن خبر پيئي تہ هنکي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ هوُ راڄ ۾ آيو. هن اڪيلي ۾ ڪانجيءَ کي سمجهايو تہ هوُ درٻارين کان ساوڌان رهي. رشيءَ جي چوڻ موجب هوُ راڄ هلائڻ لڳو. درٻاري بہ سمجهي ويا. هوُ بہ سني رستي تي هلڻ لڳا. راڄ ۾ اَڳ واري رونق اچڻ لڳي. ڪيترا درٻاري ۽ نوڪر بدليا ويا. جوان راجا سان گڏ نوڪر بہ جوان هئا. راڄ چڱيءَ طرح هلندو ڏسي، راجا ڪانجي بہ لاپرواهہ ٿيندو ويو. چالاڪ درٻاري اهڙي موقعي جي تلاش ۾ هئا. هڪ ڏينهن وزير راجا کي تمام پري شڪار ڪرڻ وٺي ويو. پهاڙين پوئتان گهاٽو جهنگل هو. راجا شڪار پوئتان ڀڄندي ڀڄندي تمام پري اَڪيلو نڪري ويو. راجا کي ڏسي جهنگلي ماڻهوُ گهيري ويس. قبيلي جي سردار زهر ٻڏل تيرن سان راجا کي گهايل ڪري ڇڏيو. وزير ۽ سپاهين راڄ محل ۾ اچي ڪوڙي ڪهاڻي ٻڌائي. رشيءَ کي خبر پيئي تہ ڏاڍو ڏک ٿيس. سوچيائين، پهرين پينگهہ جو وڏو راجڪمار ختم ٿي ويو ۽ هاڻي ننڍو بہ ماريو ويو. اِن ۾ ڪا نہ ڪا سازش ضرور آهي. ڪير ٿو اهڙي سازش عمل ۾ آڻي؟

رشي درٻار ۾ آيو. راجڪمار ڪمبوُ کي راڄگديءَ تي وهاريو ويو. رشيءَ پينگهہ، سانگو ۽ ڪانجي جي وڌوائن سان ڳالهايو. ڪوبہ ثبوت ڪونہ مليو. هوُ سمجهي ويو تہ ڪمبوءَ ڪانپوءِ سڄو ونش ختم ٿي ويندو. رشي اڪثر درٻار ۾ اچڻ وڃڻ لڳو ۽ راجا ڪمبوءَ کي راڄ هلائڻ جي سکيا ڏيڻ لڳو. اَڳ وانگر منصوبا ڪندڙ خاموش ٿي ويا. ڏينهن رات راجا ڪمبوُ اهڙن درٻارين کان بچڻ لاءِ سوچيندو هو پر ڪوبہ اُپاءُ سمجهہ ۾ ڪونہ آيس. آخر راڄ ۾ درٻاري دوکو ڏين تہ ڇا ڪجي؟ نراش ٿي راجا ڪمبوُ رشيءَ جي

20. بيل گاڏيءَ جو ڪُتو

هڪ لوهار بيل گاڏيءَ تي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وڃي نهيل لوهه جون شيون وڪڻندو هو. بلو نالي بيل (ڍڳو) گاڏي هاڪيندو هو. لوهار وٽ ڪلوُ نالي ڪُتو به پاليل هو. ڳوٺ يا شهر ۾ وڃي ڪنهن سنيِ جڳهه تي ڏاٽو نڪاٽو ڪندو هو. سندس ڪٽنب به گڏ هوندو هوس. سيئيِ مليِ ڪَچو مڪان ڏاهي ويهندا هئا ۽ اُتي ئيِ لوهه جون شيون ڏاهيندا به هئا.

ڪِلو ڪوڙي بلوُ بيل کي ٻڌيِ ڇڏيندا هئا ۽ اُتي ئيِ هنجي گاڏي پاٽيءَ جو بندوبست به ڪندا هئا. پرسان ئيِ ويهيِ ڪَلوُ ڪُتو ڍڳي سان گپ شپ هڻندو هو. ٻنهيِ جيِ پڪيِ دوستيِ هئيِ.

هڪ ڏينهن هڪ شيطان گدڙ، ڪَلوُ ڪُتي سان گڏيو. هنکي ٻين کي وڙهائڻ ۾ مزو ايندو هو. هن ڪُتي کي به ڪَن ۾ ڪجهه چيو. اُن ڏينهن ئيِ ڪُتي جو ڍڳي سان وهنوار بدلجيِ ويو. هوُ سوچڻ لڳو ته لوهار جي گاڏي جو سڄو بار هنجي پٺيءَ تي هوندو آهي ۽ سڄيِ گاڏيِ هنجي آسري هلنديِ آهي ڇو جو هوُ گاڏيءَ هيٺان هلندو آهي، جڏهن ڍڳو گاڏيِ هاڪيندو آهي. اوٻڙ کاٻڙ ۽ خراب رستي کي ڏسيِ ڪُتو ڍڳي کي چوندو هو ”بلوُ، ڌيان سان، سنڀالي هل. پرواهه نه ڪر. مان آهيان نه.“

ڍڳو من ئيِ من ۾ کلندو هو. هوُ رنيائي چوندو هوس، ”ڏس ڪلوُ، سڄو بوجهه منهنجي مٿان نه ڇڏجان. پنهنجي پٺيءَ تي به ڪجهه کڻندو هلج.“

هڪ دفعي لنبيِ ياترا ڪري لوهار هڪ شهر ۾ آيو. لوهار جهوپڙيِ ڏاهيِ ۽ هنجي زال پوڇڻ تيار ڪيو. ڍڳي کي چارو ۽ ڪتي کي روٽيون ڏنيون ويون. سينيِ پنهنجو پيٽ پريو. ڍڳو

19. عوَرت جي سکيا

مصر جو سنت جو-اُل-نون هڪ دفعي نماز اَدا ڪرڻ کان اَڳ وَزو ڪرڻ (هٿ مُنهن ڌوئڻ) لاءِ نهر جي پرسان آيو. سامهون هڪ خوبصورت عوَرت اچي ويٺي. هو وزو ڪندي ڪندي هن طرف ڏسڻ لڳو. عورت به هن طرف ڏٺو. نون کي لڳو ته عورت ڪجهه چوڻ ٿي چاهي. اِن ڪري هن اُن کان پڇيو، ”تون ڪجهه چوڻ ٿي چاهين؟“

”ها، جڏهن مان هيڏانهن اچي رهي هيس، تڏهن مون پريان توهان کي پاڳل سمجهيو ڇو جو توهان منهنجي طرف ڏسي رهيا هئا. جڏهن پرسان آيس، تڏهن لڳو توهان ڪي عالم ودوان آهيو. پر بلڪل ويجهو آيس ته لڳو ته توهان ڀڳوان جا ڀڳت آهيو. پر هاڻي ڳالهائيندي لڳو ته توهان ٽنهي مان ڪجهه ڪونه آهيو.

نون کي گهري چوٽ لڳي. پڇيائينس، ”تون ڪيئن ٿي چئين؟“

”سولي سڌي ڳالهه آهي.“ عورت ٻڌايو، ”پاڳل هجو ها ته وزو ڪونه ڪريو ها. ودوان هجو ها ته پرائي عورت طرف اَک کڻي ڪونه ڏسو ها، ڀڳوان جا ڀڳت هجو ها ته اَلله جي ڌيان ۾ مگن هجو ها، مون سان ڳالهايو ڪونه ها.“

عوَرت جي ڳالهه ٻڌي مشهور سنت جو-اُل-نون جو ڪنڌ شرم وچان جهڪي ويو. هنکي لڳو ته عبادت ڪرڻ وقت هيڏي هوڏي من کي ڀٽڪائڻ ڪونه گهرجي.

(سچي من سان ڪيل ڀڳتي سچي ڀڳتي آهي.)

تون ئي ڪاهيندو آهين. مان پنهنجي غلطي مڃان ٿو. مونکي معاف ڪر ۽ ڳاڏي سنڀال.“

لوهار به گهبرائجي ويو هو. هوُ پريوار سميت ڳاڏيءَ کان هيٺ لهي آيو. هن پيار سان ڍڳي کي ٿڏڙا گهمايا. ڍڳو واپس اُٿي بيٺو. ڪالوءَ جي شرير ۾ ساهه پيو. هن وري معافي گهرندي ڍڳي کي چيو، ”دوست! منهنجو ڀرم ٽٽجي ويو. منهنجو گهمنڊ ڀڄي پيو. مان ڳاڏي ڪونه ٿو ڪاهيان. مان ته فقط ڳاڏيءَ جو ڪُتو آهيان. منهنجو دماغ شيطان گڏڙ خراب ڪري ڇڏيو هو.“

(غلط صلاح تي ڪڏهن به عمل نه ڪجي.)

نندڍارڪو ٿيو. پر ڪُتي هن سان ڳالهيون ۽ گپ شپ ڪرڻ پئي چاهي. هوُ ڍڳي وٽ آيو. ڍڳي چيس، ”مان ٿڪل آهيان. نند
تي اچي. سڀاڻي ڳالهيون ڪبيون.“ ”گهڻو بوجهه ته مون ڪنيو
آهي.“ ڪتي چيس، ”۽ ٿڪ توکي ٿيو آهي، دوست سان به نٿو
ڳالهائين.“

اِهو ٻڌِي ڍڳي کي عجب لڳو. هن کي لڳو ته ڪتي کي غلط فهمي آهي ته گاڏِيءَ جو بوجهه هوُ تو کڻِي هلي. هن ڪتي کي حقيقت کان واقف ڪرائڻ جو سوچيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ لوهار پنهنجي پريوار سميت نئين شهر طرف روانو ٿيو. هميشهه وانگر ڪُتو گاڏِيءَ هيٺان هلي پيو. ڪجهه فاصلي تي سامهون پٿريلو رستو هو، هيٺ مٽي بلڪل خراب. ڪتو هيٺان ئي ڍڳي جي همت وڌائيندي چئِي رهيو هو، ”چنتا نه ڪر. مون گاڏِيءَ کي پٺِيءَ تي رکيو آهي.“ ڍڳي کي موقعو ملِي ويو. هن پنهنجي گوڏن کي ٿورو موڙيو، جڏهن هن ويهي ٿورو ٿڪ ڀڃڻ پئي گُهريو. هن ڪُتي کي چيو، ڪالوُ! مان گهڻو ٿڪجِي پيو آهيان، ۽ تي منت ساهه پٽيان، تيستائين تون گاڏِيءَ کي سنڀالي رکجانءِ.“

هاڻي گاڏِي ڪُتي جي پٺِيءَ کي لڳڻ لڳِي. سڄو بار هن مٿان اچِي پيو. ڳوري بوجهه ڪري هوُ ڪراهڻ لڳو. هن جي منهن مان چيخ نڪري ويئِي. هن روئڻهارڪي آواز ۾ چيو، ”بلوُ، دادا! هِي ڇاتو ڪرين؟ مان ته مري ويندس.“ بلوءَ چيس، ”روز ئي گاڏِي تنهنجي پٺِيءَ مٿان هوندي آهي، هاڻي ڇا ٿِي پيو؟ ٿورو وقت گاڏِيءَ کي سنڀال ۽ گاڏِي ڪاهه.“

ڪالوءَ جو ڪچومر نڪرِي رهيو هو. هن وينتي ڪندي چيو، ”منهنجو ساهه ٿو نڪري. توبهه ڪيم. دادا! سچ پچ سچِي گاڏِي

جواب ۾ چيو، ”مونکي معاف ڪجِ. هن دفعي مان تنهنجو ساٿ ڪونہ ڏيندس. مان فقط تنهنجو ساٿ تنهنجي موت تائين ئي ڏينديس.“ اِهو ٻڌِي واپاريِ پوريءَ طرح ٽُٽِي پيو.

تڏهن هڪ آواز آيو، ”مان توسان گڏ هلنديس.“ واپاريءَ ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو تہ سامهون پهرين زال بيٺِي هئِي. هوءَ بلڪل نربل ٿِي ويئِي هئِي. اِهو ڏسِي واپاريءَ کي گهڻو ڏک ٿيو. هن چيو، ”مون کي تنهنجو ڌيان سڀ کان وڌيڪ رکڻ کپندو هو.“

دراَصل اسان جي زندگيءَ ۾ چار زالون آهن. چوٿين زال اسان جو شرير آهي. پر اسان هن کي گهڻو ئِي صاف سُٿرو سندر رکون پر مرڻ تي هوُ هڪدم ساٿ ڇڏي ويندو.

ٽين زال اسانجي دؤلت آهي، جو مرڻ کان پوءِ هوءَ ٻئي جِي ٿِي ويندِي.

ٻين زال اسان جو پريوار ۽ دوست آهن. جيئري پر هوُ اسان جي پرسان هجن پر مرڻ کانپوءِ هوُ مساڻ تائين ئِي گڏ هوندا آهن.

پهرين زال آهي اسانجِي آتما. هن کي نقليِ ۽ ڪوُڙي شان ۽ دولت خاطر نظراَنداز ڪندا آهيون، جڏهن ڪِ هوءَ هميشهہ اسان جو ساٿ ڏيندِي آهي. ڪٿي بہ ڇونہ وڃون، هوءَ اسان سان گڏ هوندِي آهي.

سَو اِهو آهي تہ وقت هوندي اسان هن جو قدر ڪريون، نہ تہ مرڻ وقت اسان کي ڏک ٿيندو.

(اِنسان جِي آتما گندي ڪم ڪرڻ کان اَڳ اِنسان کي آگاهہ ٿِي ڪري.)

21. چار زالون

هڪ واپاريءَ کي چار زالون هيون. هوُ پنهنجي چوٿين زا
کي گهڻو پيار ڪندو هو. هن لاءِ قيمتي زيور آڻيندو هو. هن ج
ناز نخرا سَهندو هو ۽ هنجي هرهڪ ڳالهہ مڃيندو هو. ٽيون نمب
زال کي بہ گهڻو ئي گُهرندو هو. پر هن کي ڀؤ هوندو هو تہ ڪٿي
هوءَ هن کي ڇڏي هلي نہ وڃي. ٻيون نمبر زال سان بہ هن کي
لڳاءُ هو. هوءَ گهڻي سمجهدار هئي ۽ واپاريءَ جو وشواس بہ هوس
هنکي ڪابہ اُلجهن سامهون هوندي هئي تہ هوُ هن جي طرف
ڏسندو هو. هوءَ اُن جو حل بہ ٻڌائي مصيبت کان بچائيندي هئس
پر واپاري پنهنجي پهرين پتنيءَ کي بلڪل نہ چاهيندو هو. جڏهن
ڪ هوءَ پنهنجي مڙس لاءِ پوريءَ طرح پاڻ کي اَرپڻ ڇڏيو هو
ڪنهن وقت ۾ مڙس جو پورو ساٿ ڏنو. هڪ ڏينهن واپاري بيمار
ٿي پيو. هن کي لڳو تہ هوُ هاڻي گهڻا ڏينهن ڪونہ رهندو. هن
پنهنجي عيش ۽ آرام لاءِ سوچيو تہ هن کي چار زالون آهن پر
هوُ مرندو تہ اَڪيلو ئي.

هن چوٿين زال کي گهرائي پڇيو، ''مان توکي سڀ کان
وڌيڪ پيار تو ڪريان، تنهنجو خيال تو رکان. هاڻي مان مرڻ
وارو آهيان. تون بہ مون سان گڏ هلندينءَ؟'' هن بلڪل صاف
اِنڪار ڪيو ۽ چپ چاپ اُتان هلي ويئي. واپاريءَ ٽيون نمبر
زال کان پڇيو، ''توکي مان گهڻو پيار ڪيو آهي. تون مون سان
هلندينءَ؟'' هن چيو، ''بلڪل نہ. هتي مان گهڻي خوش آهيان،
تنهنجي مرڻ کان پوءِ مان ٻي شادي ڪنديس.'' اِهو ٻڌي واپاري
ڌڌو ٿي ويو. هنجي دل لهي ويئي. هن ٻيون نمبر زال کان ب
اهڙو ئي سوال ڪيو. ''مان ضرورت وقت هميشهہ توکي ياد ڪيو
۽ تو بہ ساٿ نڀايو. هاڻي وري تنهنجي مدد جي درڪار آهي
جڏهن مري مِٽي وڃان تہ تون بہ مون سان گڏ هلندينءَ؟'' هن

23. دوست جي دشمني

هڪ ڪوئو ۽ هڪ ڏيڏر گهرا دوست هئا. روز ڏيڏر تلاءَ ڪان ٻاهر اچي، پرسان وڻ جي پڙ ۾ ڪوئي سان ملڻ ايندو هو. سڄو ڏينهن ٻئي گڏ رهندا هئا ۽ شام جو ڏيڏر پنهنجي تلاءَ ۾ هليو ويندو هو. ڪوئو پنهنجي دوستيءَ ۾ ايترو مگن هو، جو ڪڏهن ڪونہ سوچيائين تہ دوست دشمن ٿي پوندو. ڪارڻ تمام معمولي هو. ڏيڏر سوچيندو هو تہ هوُ تہ ڪوئي سان ملڻ هن جي ٻر ۾ وڃي ٿو پر ڪوئو هن ڪي ملڻ تلاءَ ۾ ڪونہ ٿو اچي. اِها ڳالهہ ڏيڏر جي من ۾ ويهجي ويئي. اِن لاءِ هن ڪوئي ڪان بدلي وٺڻ جو سوچيو.

هڪ ڏينهن ڏيڏر ڪوئي جي ٻر ڪان ٻاهر ايندي هڪ رَسيءَ جو هڪ سِرو پنهنجي پير سان ۽ ٻيو سِرو ڪوئي جي پڇ سان ٻڌو ۽ ٽپڻ لڳو. ويچارو ڪوئو هن سان گڏ ڇڪجندو پئي آيو ۽ پڇي بہ پيو تہ ڳالهہ ڇا آهي؟ ڏيڏر ڪو جواب ڪونہ ڏنس ۽ تلاءَ ۾ ٽپو ڏنو. ڪوئي پاڻ کي آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر سڦلو ڪونہ ٿيو ۽ تلاءَ ۾ ٻڏي ويو. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ مُئل ڪوئو پاڻيءَ مٿان تَرڻ لڳو. اُن وقت مٿي آڪاش ۾ هڪ باز تلاءَ مٿان تَرندو ڪوئو ڏٺو تہ جُهٽ ڏيئي ڪوئي کي پنهنجي چهنب ۾ کڻي آڪاش ۾ اڏاميو.

ڇاڪاڻ تہ رسيءَ جو هڪ سِرو ڏيڏر جي پير ۾ بہ ٻڌل هو، تنهن ڪري جهٽڪي سان هوُ بہ تلاءَ ڪان ٻاهر اچي ويو. هن پاڻ کي آزاد ڪرائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر باز هنجي ڪوشش هميشهہ لاءِ بند ڪري ڇڏي.

22. سچ جي پهرين ڪِرڻ

قديم زماني ۾ رواج هو تہ سٺ ورهين جي شخص کي شهر کان ٻاهر جهنگل ۾ موڪليو ويندو هو تہ جيئن راڄ ۾ فقط جوان ۽ صحتمند اِنسان رهن.

هڪ آدمي ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سٺ ورهين جو ٿيڻ وارو هو. هنجو پٽ پنهنجي پيءُ کي گهڻو پيار ڪندو هو. هوُ ٻين ٻڍن وانگر پنهنجي پيءُ کي جهنگل ۾ موڪلڻ نہ پيو چاهي، اِن ڪري هن پنهنجي پيءُ کي گهر اَندر تهخاني ۾ لڪائي رکيو ۽ پريم سان سندس شيوا ٽهل ڪندو هو.

هڪ ڏينهن اُنهيءَ ڇوڪري پنهنجي پاڙيسرِيءَ سان شرط لڳائِي تہ سياڻي ڪير سورج جي ڪِرڻ سڀ کان پهرين ڏسندو؟ هن شرط جي باري ۾ پيءُ کي بہ ٻڌايو. پيءُ هن کي چيو تہ جڏهن ٻيا ماڻهو اوڀر طرف منهن ڪري سچ طرف نهارين، تڏهن تون اولهہ طرف تمام پريان پهاڙين جي چوٽين مٿان نهاريندين تہ تون شرط کٽي ويندين.

ڇوڪريَ پيءُ جي چوڻ موجب ٻئي ڏينهن صبوح جو اولهہ طرف پهاڙين جي چوٽين کي ڏٺو ۽ سڀ کان اَول سورج جي ڪِرڻ ڏسي شرط کٽِي.

ٻين سڀني هن کان پڇيو تہ اهڙِي صلاح هن کي ڪنهن ڏنيِ؟ ڇوڪري سچِي حقيقت ٻڌائِي تہ هن پنهنجي پيءُ کي تهخاني ۾ وهاري سُک ۽ سَهنج سان رکيو آهي ۽ هن ئِي هن کي اها سٺي صلاح ڏني آهي. اِهو ٻڌي سڀ سمجهي ويا تہ بزرگ گهڻا آزمودگار هوندا آهن. هنن جي عزت ڪرڻ ۽ شيوا ڪرڻ گهرجي ۽ جهنگل ۾ نہ موڪلڻ گهرجي.

اُن ڏينهن کان پوءِ راڄ ۾ وڏن ۽ بزرگن کي جهنگل ۾ موڪلڻ بند ڪيو ويو ۽ گهر ۾ رهائي عزت سان سندن شيوا ٽهل ڪئي ويندي هئي.

(بزرگن جا آزمودا اَهميت ڀريا ٿا ٿين.)

24. غلام مان گروُ

هڪ ديش جي بادشاھ هڪ غلام خريد ڪيو.

بادشاھ غلام کان پڇيو، ”تنھنجو. نالو ڇا آهي؟“

”جنھن نالي سان توهان ڪوٺيندا، اُهو منھنجو نالو ٿيندو.“

”تون ڇا کائڻ پسند ڪندو آهين؟“

”جيڪو ڪجھ توهان کائڻ لاءِ ڏيندا، اُهو مان کائيندس.“

”تون ڪهڙا ڪپڙا پائڻ پسند ڪندين؟“

”جيڪي ڪپڙا توهان پائڻ لاءِ ڏيندا، اُهي مان پائيندس.“

”تون ڪهڙو ڪم ڪرڻ پسند ڪندين؟“

”جيڪو ڪم توهان ڪرڻ لاءِ ڏيندا، اُهو مان ڪندس.“

”تنھنجي ڪهڙِي ڪامنا آهي؟“

”قبلا! غلام جي ڪابه ڪامنا ڪانه ٿِي ٿئي. هن جي اُهائي مرضي آهي، جيڪا مالڪ جي مرضي آهي.“

بادشاھ غلام جا جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. هن چيو، ”تون سچو اُستاد (گرو) آهين.“

هن غلام کي غلاميءَ کان آزاد ڪري پنھنجو گرو قبول ڪيو.

ايشوَر اسان جو مالڪ آهي. هن جي رضا اسان جي رضا آهي.

(ايشور جي ڀاڻي تي راضي رهجي.)

سچ پچ ڪنهن ٻئي لاءِ ڪڏ نہ کوٽڻ کپي، ڪڏهن هوُ ٻ
اُن ۾ ڪِريِ سگهي ٿو.

(جيڪو ٻئي لاءِ ڪڏ کوٽيندو، ڪنهن ڏينهن
هوُ بہ اُن ۾ ڪِرندو. بري ڪم جو ڦل بہ برو ئيِ
ٿيندو.)

لڳا. هن ٿورو آرام ڪيو ۽ پوءِ پکيءَ کي پاڻ وٽ سڏي پنهنجي پر سان پٽيءَ کي پاڻهه وچان پُچڪاريو.
موت ۾ پَرندي به پنهنجا پَر ڦڙڦڙايا ۽ مڌر آواز ۾ پنهنجي جيوَن داتا لاءِ شڪرانا مڃيا. ٿوري ساعت کان پوءِ جان پڃرو ايڪانت ۾ کڻي آيو ۽ پرندي کي آزاد ڪيو. پکيءَ مهربانين پرين نيڻن سان هڪ دفعو ٻيهر جان طرف ڏٺو ۽ آڪاش ۾ اُڏامي ويو.

جان من ۾ تمام گهڻو سنتوش محسوس ڪيو.

(دیا ڌرم جو مول آهي.)

25. ڏياوان ٻالڪ

فرانس جي هڪ ننڍڙي شهر ۾ جان نالي هڪ ڏياوان ٻالڪ رهندو هو. هوُ پکين پرندن کي گهڻو پيار ڪندو هو ۽ اُنهن جي ٻوليِ به ڄاڻندو ۽ سمجهندو هو.

هڪ ڏينهن هوُ ڪنهن ڪم سانگي ڪيڏانهن وڃِي رهيو هو تہ هن هڪ پکيءَ جو آواز ٻڌو، جنهن ۾ اُداسي پريل هئِي. اڃا ٿورو اَڳتي هليو تہ هڪ ماڻهو ڏٺو، جنهن جي هٿ ۾ هڪ پکي قاتل پڃرو هو. هوُ سمجهي ويو تہ اُن پکيءَ جو ماس ماڻهو کائڻ پسند ڪندا آهن. جيڪو اِنسان اِهو پکي خريد ڪندو، اُهو ان کي ماري سندس ماس پچائي کائيندو.

جان اُن شخص وٽ آيو ۽ پکيءَ جو ملهہ پڇيو. ملهہ پڇڻ تي هن پنهنجي کيسي ۾ ڏٺو تہ ملهہ کان ڪجهہ پئسا گهٽ آهن. هن کيسي ۾ پيل پئسا وڪڻندڙ کي ڏيئي چيو، ”پکي مون خريد ڪيو ۽ باقي پئسا گهر وڃِي کڻِي ٿو اچان، تيستائين تون ٻئي ڪنهن کي پکي ڪونہ وڪڻجِ.“

جان گهر طرف ڊڪندو ويو. پر ڏٺائين تہ گهر ۾ ماءُ ڪانہ هئِي، ڪيڏانهن ٻاهر نڪري ويئِي هئِي. جان کي ڏک ٿيو ۽ پئُ بہ ورتس تہ متان پکي ٻيو ڪير نہ خريد ڪري وڃي ۽ پکيءَ جا پراڻ خطري ۾ اچِي وڃن. اُن وقت هن کي پنهنجي گروءَ جي ياد آئِي. هوُ يڪدم ڊڪندو گروءَ وٽ آيو ۽ سربستي ڳالهہ ٻڌائِي. گروُ بہ رحمدل هو. هڪدم جان کي گهربل پئسا ڏنا. جان تيزيءَ سان پکيءَ جي مالڪ وٽ آيو تہ ڏٺائين تہ مالڪ ٻئي گراهڪ سان پکيءَ جي وڪڻڻ جون ڳالهيون ڪري رهيو هو. جان باقي پئسا ڏيئي پکيءَ سميت پڃرو کڻِي گهر آيو. گرمِي گهڻي تيز هئِي، اِن ڪري جان کي چڪر اچڻ

राजस्थान सिन्धी अकादमीअ जा उद्देश्य

1. सिन्धी भाषा ऐं साहित्य जे क्षेत्र में अध्ययन ऐं अनुसंधान खे प्रोत्साहन ड्रियणु ऐं वाधारो करणु।
2. राज्य में सिन्धी संस्थाउनि/संगठननि जे कमनि में समन्वय ऐं सहयोग स्थिापित करणु ।
3. सिन्धी साहित्य सां जुड़ियल साहित्यकारनि ऐं साहित्य जे क्षेत्र सां जुड़ियल संस्थाउनि में सहकार वधाइण ऐं अहिड़ियुनि संस्थाउनि जे गठन ऐं वाधारे खे प्रोत्साहन करणु ।
4. राष्ट्रीय ऐं राज्य स्तर ते सिन्धी साहित्यिक संस्थाउनि जे मार्फ़त गोष्ठियूं ऐं सम्मेलन आयोजित करे, साहित्यिक विचारनि जे आदान-प्रदान खे प्रोत्साहत करणु ।
5. साहित्यिक पुस्तकनि, पत्र-पत्रिकाउनि ऐं शोध पत्रनि जो सिन्धी भाषा में प्रकाशन कराइण ऐं प्रोत्साहत करणु ।
6. सिन्धी संगठननि जी ज़रूरत मूजिबि पुस्तकालयुनि ऐं वाचनालयनि जी स्थापना करणु ऐं प्रोत्साहित करणु ।
7. राजस्थान सोसाइटीज रजिस्ट्रेशन एक्ट 1958 जे तहत सिन्धी भाषा ऐं साहित्य जे क्षेत्र में कम करण वारियुनि संस्थाउनि खे मान्यता ड्रियणु ऐं मान्यता प्राप्त संस्थाउनि खे माली मदद ड्रियणु।
8. पुस्तक, प्रदर्शनियुनि, मुशायरनि ऐं साहित्यिक कार्यक्रमनि जे माध्यम सां देश में सांस्कृतिक ऐं साहित्यिक सम्पर्कनि खे वाधारो ड्रियणु ।
9. योग्य लेखकनि, कवियुनि ऐं बुद्धिजीवियुनि खे स्कॉलरशिप, फैलोशिप ऐं पुरस्कार ड्रियणु।
10. सिन्धी भाषा जे लेखकनि ऐं कवियुनि खे उन्हनि जी उल्लेखनीय उपलब्धियुनि लाइ मान्यता ड्रियणु ऐं साहित्यिक कृतियुनि जे प्रकाशन लाइ माली मदद उपलब्ध कराइणु ।
11. अध्ययन, पाठ्यक्रम, व्याख्यान, सेमीनार, सम्मेलन ऐं सर्वक्षण कार्यक्रम आयोजित करे सिन्धी साहित्य जे अध्ययन में वाधारो करणु ।



اَدبي ڄاڻ

نالو : نندلعل عيدنداس پرسراماڻي

جنم : 10 جوُن 1933 - سلطان ڪوٽ (سنڌ - پاڪستان)

تعليم : ايم. اي. (اَنگريزي - تواريخ - ۽ سنڌي) ۽ بي. ايڊ.

شايع ڪتاب

- ڏهہ سنڌي :
  ٻہ ناول - ٻہ ڪوتا سنگرهہ - ڇهہ ڪهاڻيون مجموعو
- ڇهہ هندي :
  ٽي ڪهاڻي سنگرهہ - هڪ ناول - هڪ ناول ترجمو
  ۽ هڪ جيونيون سنگرهہ
  ۽ هڪ اَنگريزي ناٽڪ ترجمو
- 2004 کان 2007 تائين راجستان سنڌي اَڪادمي ۽ جو ميمبر
- ديش جي علحدين اخبارن، مگزنن ۾
  ڪهاڻيون ۽ ليک- هندي ۽ سنڌي ۾ شايع ٿيل
- آڪاشواڻي ۽ تان هندي ۽ سنڌي ۾ ڪهاڻيون ۽ ڪوتائون ڇپيل
- ٻن ڪتابن ۽ پنج ڪهاڻين تي اِنعام

اَئڊريس -
نندلعل پرسراماڻي
گوپال اوَر ڪمليش چِترشالا
سلومبر-313027 (اُديپور - راجستان)
موبائيل : 09829099489